روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) جمعو 26 مئي 2023 ع بمطابق 05 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 360

عمران خان، بشريٰ بي بي سميت پي ٽي آءِ جي ڇهه سئو کان وڌيڪ اڳواڻن جا نالا نو فلاءِ لسٽ ۾ شامل

نوَمئي تي ڀڃ ڊاهه ۽ هنگامن جي واقعن ۾ ملوث هئڻ تي عمران خان سميت ڇهه سئو کان وڌيڪ اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن ۽ پي ٽي آءِ عهديدارن جا نالا نوفلائي لسٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن : ايف آءِ اي

ٻاهرين مُلڪ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ پي ٽي آءِ اڳواڻن جا نالا ايف آءِ اي جي پرووِنشل نيشنل آئيڊينٽيفڪيشن لسٽ (پي اين آءِ ايل) ۾ وڌا ويا آهن : ذريعا

مراد سعيد، مليڪا بخاري، فواد چوڌري، حماد اظهر، قاسم سوري، اسد قيصر، ياسمين راشد ۽ ميان اسلم اقبال جا نالا به نو فلائي لسٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن

عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي جو نالو به نوفلائي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي، گذريل ٽن ڏينهن دوران ڪجهه عهديدارن پرڏيهه وڃڻ جي ڪوشش به ڪئي

ٻاهرين مُلڪ وڃڻ جي ڪوشش ڪندڙن ۾ پي ٽي آءِ ميمبرن ۽ عهديدارن کي هوائي اڏن تي روڪيو ويو

ڄاڻايل اڳواڻن کي ٻاهرين مُلڪ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ نالا پوليس، سي ٽي ڊي ۽ ڳجهن ادارن ڏانهن اماڻيا ويا هئا : ذريعن جي دعويٰ

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان سميت پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڇهه سئو کان وڌيڪ اڳواڻن جا نالا نو فلائي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي.ايف آءِ اي ذريعن موجب، نوَمئي تي ڀڃ ڊاهه ۽ هنگامن جي واقعن ۾ ملوث هئڻ تي عمران خان سميت ڇهه سئو کان وڌيڪ اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن ۽ پي ٽي آءِ عهديدارن جا نالا نوفلائي لسٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ذريعن موجب ٻاهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

نوفلاءِ لسٽ ۾ پي ٽي آءِ جي شامل اڳواڻن جا فائيل فوٽو

سُپريم ڪورٽ بار جي صدر پاران
آڊيو ليڪس ڪميشن جو طلبي
نوٽيس عدالت ۾ چئلينج

اسلام آباد (م ڊ) سُپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر عابد زبيري آڊيو ليڪس ڪميشن جي طلبي وارو نوٽيس اعليٰ عدالت ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو پنهنجي آئيني درخواست ۾ سُپريم ڪورٽ بار جي صدر عدالت کان آڊيو ليڪس جي انڪوائري ڪميشن جي ڪارروائي ۽ حڪمن کي غير آئيني قرار ڏيڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڀارت کي ڀارت ۾ منهن ٽوڙ جواب ڏنو، مان ڪو پليٽ فارم ڇڏڻ جو حامي ناهيان: بلاول

ڀارتي ميڊيا کي ڏنل انٽرويوز ۾ به هن مسلمانن ۽ پاڪستانين بابت ڦهلائي ويندڙ ناڪاري پروپيگنڊا خلاف آواز اُٿاريو

ڀارتي هم منصب جو رويو پيشوارانو نه هو، ڪانفرنس ۾ ميزبان طرفان اُٿاريل ڪجهه معاملن جو مون جواب ڏنو

ايس سي او اجلاس ۾ سمورين سياسي پارٽين جي مشاورت سان شرڪت ڪئي، مان ڪو به پليٽ فارم ڇڏڻ جو حامي نه آهيان

ايس سي او اجلاس ۾ شرڪت ڏاڍو ڏکيو فيصلو هو، پهريان جڏهن معلوم ٿيو ته ايس سي او اجلاس ڀارت ۾ ٿي رهيو آهي ته ڪائي دلچسپي نه هئي

ميزبان مُلڪ جو مقصد هو ته ايس سي او پليٽ فارم کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪجي، نالو نه کڻڻ ڪانسواءِ اسان جي ميزبان ڪجهه مسئلن جو ذڪر ڪيو هو

اسان به پاڪستان جو موقف پيش ڪيو، ڀارت جي بيانئي جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ جو مقصد اهو هو ته ڪين ٻڌايان ته مان شهيد جو پٽ آهيان

اسلام آباد(مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته شنگهائي سهڪاري تنظيم جي اجلاس ۾ پاڪستان جو بيانيو دنيا آڏو رکيو ۽ ڀارت کي ان جي ئي لهجي جواب ڏنو سينيٽ جي پرڏيهي معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڀارتي ميڊيا کي ڏنل انٽرويوز ۾ به هن مسلمانن ۽ پاڪستانين بابت ڦهلائي ويندڙ ناڪاري پروپيگنڊا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري شنگهائي سهڪاري تنظيم جي اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

قوم کي شهيدن تي فخر آهي، وطن لاءِ جان قربان ڪندڙن کي سلام پيش ڪريان ٿو: صدر عارف علوي

هٿيار بند فوجن جي جوانن ۽ آفيسرن پنهنجي بهادري ۽ قربانين جي ڪري پاڪستان جي دفاع کي ناقابل تسخير بڻايو

پوري قوم کي پنهنجي بهادر شهيدن تي فخر آهي ڇاڪاڻ ته هنن هر ڏکي وقت ۾ حب الوطني ۽ بهادري جو مقابلو ڪيو

سڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي لعنت کي ختم ڪيو جڏهن ته هر قدرتي آفت ۾ به پنهنجي قوم سان گڏ بيٺل رهي

پاڪستان جي صدر جي حيثيت سان هو شهيدن جي خاندانن سان باقاعده رابطو ڪري خراج عقيدت پيش ڪندو آهي

اسلام آباد(م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي چيو آهي ته قوم کي پنهنجي بهادر شهيدن تي فخر آهي، ملڪ جي سالميت ۽ شهيدن جي قيمتي خدمتن ڪانسواءِ ممڪن ناهي، وطن لاءِ جان قربان ڪندڙن کي هو سلام پيش ڪري ٿو شهيدن جي عظمت جي ڏهاڙي جي موقعي تي جاري بيان ۾ صدر عارف علوي چيو آهي ته اڄ هو ملڪ لاءِ عظيم قربانيون ڏيندڙن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ملاقات ڪندي

عمران خان قيد ۾ اهم
شخصيت سان ڳالهائيندو هو،
فياض الحسن وٽ وڏا راز

ڪراچي (م ڊ) عمران خان ڏگهي وقت کان هڪ منصوبي تحت فوج خلاف بغاوت ڪندو رهيو ۽ ماڻهن کي به ڀڙڪائيندو رهيو پر هاڻي سندس خلاف پڪڙ سخت ٿي وئي آهي ۽ جلد اهم ڪردار سامهون آندا ويندا، اڄ سڄي ملڪ ۾ تڪريم شهدا جو ڏهاڙو ملهايو ويو ۽ سڄي ملڪ جي رهواسين ريلين ڪڍي شهيدن کي ڀيٽا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سنڌ سرڪار طرفان غربت جي خاتمي لاءِ خاص قدم کنيا پيا وڃن: وڏو وزير

اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، خاص مددگار، صوبائي صلاحڪارن، چيف سيڪريٽري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ 25 نقاطي ايجنڊا تي غور ڪيو ويو : وڏي وزير جو ترجمان

ٺٽي ۾ 400 ميگاواٽ ونڊ ۽ سولر پاور پلانٽس لڳائڻ لاءِ زمين جو پٽو لڳائڻ شامل هو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته پيپلز پارٽي جي حڪومت ٻوڏن ۽ برسات متاثرن جي بحالي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، سنڌ سرڪار طرفان غربت جي خاتمي لاءِ خاص قدم کنيا پيا وڃن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

بجلي في يونٽ 79 پئسا وڌيڪ مهانگي ٿي وئي

نيپرا مارچ جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي تحت بجلي مهانگي ڪئي

واهپيدارن کي مئي جي بجلي بلن ۾ واڌو ادائيگيون ڪرڻيون پونديون : نيپرا

اسلام آباد (م ڊ) مارچ جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي في يونٽ 79 پئسا وڌيڪ مهانگي ڪئي وئي آهي. نيپرا مارچ جي ماهوار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

مليڪا بُخاري به پي ٽي آءِ کي الوداع چئي ڇڏيو

چاهيان ٿي ته هاڻي پنهنجي خاندان سان گڏ وقت گذاريان : مليڪا بخاري

هر پاڪستان لاءِ نوَمئي جا واقعا تڪليف ڏيندڙ آهن : اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس

اسلام آباد(م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ مليڪا بخاري به پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس دوران مليڪا بخاري نوَمئي واقعن جي مذمت ڪندي چيو ته هر پاڪستان لاءِ نوَمئي جا واقعا تڪليف ڏيندڙ آهن مليڪا بخاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ حڪومت پاران بجلي تي هلندڙ ماحول دوست اليڪٽرڪ ٽيڪسيون متعارف ڪرائڻ جو فيصلو

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ اهڙو فيصلو ڪيو ويو

نئون روٽ شروع ٿيڻ سان عوام کي سستي ۽ آرامده سفري سهولتون فراهم ٿينديون: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت کي 15 جون تائين 20 وڌيڪ بسون فراهم ڪيون وينديون: اجلاس ۾ ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت سڄي صوبي ۾ بجلي تي هلندڙ ماحول دوست اليڪٽرڪ ٽيڪسيون متعارف ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي ٽي آءِ کي ٽوڙڻ وارا ناڪام ٿي ويندا، مُلڪ جو باشعور نوجوان مون سان گڏ آهي: عمران خان

پي ٽي آءِ اڳواڻن کان زبردستي پارٽي ڇڏرائي پئي وڃي، ۽ تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن تي فوجي عدالتن ۾ ڪيس هلايا پيا وڃن

پي ڊي ايم ۾ شامل پارٽيون ۽ صحافي جيڪي آواز ناهن اُٿاري رهيا اهي ياد رکن ته هي تحريڪ انصاف کي نه پيو ٽوڙيو وڃي

مخالفن جون غلام بڻائڻ واريون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي وينديون ڇو جو مُلڪ جو باشعور نوجوان مون سان گڏ آهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه عمران خان چيو آهي ته نوَمئي جي واقعن کي جواز بڻائي پي ٽي آءِ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ اڳوڻي وزيراعظم چيو ته نوَمئي جي پُرتشدد واقعن جي سندس پارٽي جي سموري قيادت مذمت ڪري چڪي آهي، پر ان باوجود واقعن کي جواز بڻائي پي ٽي آءِ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، هن چيو ته پي ٽي آءِ اڳواڻن کان زبردستي پارٽي ڇڏرائي پئي وڃي . ۽ تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن تي فوجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

شهيدن جو موت قوم جي حيات آهي: بلاول ڀٽو

اچو ته گڏجي پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي جو عزم ڪريون

نفرتن جي سمورن ديوارن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏينداسين

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته شهيد جو موت قوم جي حياتي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: پاڪ فوج جي حمايت ۾ نڪتل ريلي ۾ ٻارڙا شريڪ آهن

چائلڊ ليبر ۽ بانڊڊ ليبر بابت بائيلاز ٺاهڻ جي ضرورت آهي ڇو ته اهو صرف سنڌ ۾ نه پر سڄي ملڪ ۾ آهي: ناصر شاهه

انساني اسمگلنگ ناقابل معافي جرم آهن ۽ سماج کي بدنام ڪن ٿا. ان لاءِ ضروري آهي ته سخت قانون سازي ڪئي وڃي

ايس ايس ڊي ۽ انهن جي تجويزن کي نظر ۾ رکندي ايندڙ بجيٽ ۾ انهن تجويزن تي غور ڪنداسين

ٻارن سان زيادتيون سماج لاءِ هڪ لعنت آهي ۽ شرم ۽ بدنامي جو سبب آهي: تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي لوڪل گورنمينٽ اينڊ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته چائلڊ ليبر ۽ بانڊڊ ليبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه

عمران خان کان رستا ڌار ڪندڙن "پي ٽي آءِ حقيقي" ٺاهي ورتي

مُلڪ ۾ جيڪو ٿي رهيو آهي ان جو ذميوار عمران خان آهي : رائو ياسر

عمران خان جي آڪڙ، انا ۽ يوٽرن مُلڪ کي ان حالتن تي پهچايو آهي

ملتان (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف يوٿ ونگ ملتان جي اڳوڻي صدر رائو ياسر پاڪستان تحريڪ انصاف حقيقي ٺاهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

نوَمئي واقعن جي ذميوارن کي قوم نه معاف ڪندي نه ئي وساريندي: آرمي چيف

اهڙي عمل کي برداشت نه ڪيو ويندو، فوج، پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا رياست جي علامت آهن

قانون لاڳو ڪندڙ ادارا مُلڪ جي وقار خاطر ڪنهن به قسم جي قرباني ڏيڻ کان نه ڪيٻائيندا

پاڪستاني قوم شهيدن، سندن قابل احترام خاندانن ۽ فوج سان گڏ آهي ۽ رهندي

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته جيڪو ڪجهه نوَمئي تي ٿيو اهو انتهائي افسوسناڪ ۽ قابلِ مذمت هو پاڪ فوج جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

آرمي چيف جنرل عاصم منير تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اڳوڻي پي ٽي آءِ اڳواڻ عائشه گلالئي (ق) ليگ ۾ شامل

پاڪستان اسلام جو قلعو آهي ۽ ان قلعي جي محافظ فوج آهي :عائشه گلالئي

پاڪستان جو هر هڪ شهري پاڪ فوج جو سپاهي آهي

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ اڳوڻي اڳواڻ عائشه گلالئي (ق) ليگ ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي. عائشه گلالئي ق ليگ جي سربراهه چوڌري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

مائيڪرو فنانس قرض صوبي ۾ عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ هڪ ئي مثبت ڪوشش آهي: قاسم نويد قمر

سنڌ حڪومت صوبي جي غريب پورهيت عورتن کي سنڌ مائيڪرو فنانس بئنڪ لميٽيڊ ذريعي ننڍا قرض فراهم ڪري رهي آهي

صوبي جي عورتن کي ننڍن قرضن جي فراهمي سان کين بااختيار بڻائڻ ۾ مدد ملندي ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙ پورهيت عورتون پنهنجو ڪاروبار هلائي سگهن ٿيون

ايندڙ عام چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جا نمائندا پوري ملڪ مان وڏي ڪاميابي حاصل ڪندا: چيڪ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب

ڪراچي(رپورٽر) انويسٽمينٽ اينڊ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ يونٽ بابت سنڌ جي وڏي وزير جي خصوصي معاون سيد قاسم نويد قمر ڪالهه ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ حڪومت پاران پورهيت ۽ غريب عورتن کي ننڍڙا قرض مائيڪرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير جي خصوصي معاون سيد قاسم نويد قمر هڪ عورت کي چيڪ ڏيندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ تحريڪ
انصاف جي 29 ڪارڪنن جي
گرفتاري خلاف ڪيس جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس احمد علي شيخ ۽ جسٽس سعيد يوسف تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ عمران خان جي گرفتاري جي خلاف احتجاج ۽ هنگامي آرائي ڪندڙن تحريڪ انصاف جي 29 ڪارڪنن جي گرفتاري جي خلاف گهروارن درخواست تي ٻڌڻي ڪئي . عدالت گهروارن کي ملاقات جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. درخواستگذارن جي وڪيل چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي جي حوالي سان ٻڌڻي

جسٽس نعمت الله ڦليوٽو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

عدالت پاران چيف سيڪريٽري ،آءِ جي سنڌ سميت ٻين کي نوٽيسز جاري

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نعمت الله ڦليوٽو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي جي حوالي سان درخواستن تي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي ۾ مئل مرغي فراهم ڪندڙ 3 جوابدار گرفتار

عوامي ڪالوني ۾ گشت دوران پوليس بن سوزوڪي پڪ اپ کي روڪي تلاشي ورتي

پوليس گاڏين ۾ سوار ٽن جوابدارن حسنين، جاويد ۽ فاروق کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ)ڪراچي ۾ ڪورنگي پوليس ڪارروائي ڪندي ٺٽي جي پولٽري فارمن مان مئل مرغي خريد ڪري شهر ۾ سپلاءِ ڪندڙ گينگ جي 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو.عوامي ڪالوني ۾ گشت دوران پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

صوبائي وزير شهلا رضا پاران سي ايس ايس ڪارنر سينٽرل ضلعي جو دورو

سي ايس ايس جي امتحان جي تياري ڪندڙ شاگردن سان ملاقات ڪئي

ڊپٽي ڪمشنر ضلعي سينٽرل شاگردن جي مفت سي ايس ايس ٽريننگ تي خوشي جو اظهار ڪيو

خواهش آهي ته هن اداري مان تربيت حاصل ڪندڙ شاگردن جا نالا سامهون اچن: شهلا رضا

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير وومين ڊولپمينٽ سنڌ سيده شهلا رضا ڊپٽي ڪمشنر طٰه سليم جي طرفان المرڪز اسلامي گلبرگ ٽائون ۾ سي ايس ايس جو امتحان ڏيڻ جي خواهشمند شاگردن لاءِ مفت ٽريننگ سينٽر CSSڪارنر جو دورو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: صوبائي وزير وومين ڊولپمينٽ سنڌ سيده شهلا رضا ايس ايس ٽريننگ سينٽر جي دوري دوران بيٺل آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ لينس ڊائون پل ۽ سکر بئراج
کي ثقافتي ورثو قرار ڏئي مهيني اندر
نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ لينس ڊائون پل ۽ سکر بئراج کي ثقافتي ورثو قرار ڏئي مهيني اندر نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو، ٻنهي پلن کي نصاب ۾ شامل ڪري شاگردن کي وزٽ ڪرائي آگاهي ڏيڻ جي هدايت، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس صلاح الدين پنهور جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ سکر ۾ تاريخي عمارتن، بيراجن ۽ ثقافتي ورثي کي محفوظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: وفاقي وزير شيري رحمان اجلاس دوران ڳالهائي رهي آهي

جناح هائوس حملو، 16 ڄڻا ڪمانڊنگ آفيسر حوالي ڪرڻ جو حڪم

لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ جناح هائوس ۾ باهه ۽ ڀڃ ڊاهه ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

عدالت اڳوڻي ايم پي اي ميان اڪرم عثمان سميت 16 جوابدارن کي ڪمانڊنگ آفيسر حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جناح هائوس کي باهه ڏيڻ واري ڪيس ۾ 16 جوابدارن کي آرمي ايڪٽ تحت ٽرائل لاءِ ڪمانڊنگ آفيسر جي حوالي ڪري ڇڏيو لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ جناح هائوس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران سمنڊ ۾ تيل ۽ صنعتي گندگي جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي

ڊائريڪٽر سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي پاران رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي

عدالت مهلت ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي 16 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ سمنڊ ۾ تيل ۽ صنعتي گندگي جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ڊائريڪٽر سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي پاران رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي .رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته عدالتي حڪم تي سيپا ٽيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

تڪ آهي سياستدانن جي ويس ۾ لڪيل غدارن تي: مريم نواز

عمران خان جا پنهنجا ڏوهه ۽ زيادتيون سندس پيڇو ڪري رهيون آهن

پي ٽي آءِ چيئرمين ذهني مريض آهي : مسلم ليگ نون جي سينئر نائب صدر

لاهور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ نون جي سينئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته جيڪو شهيدن جي بي قدري ڪري اهو رڳو غدار هوندو آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي شهيدن جي عظمت جي ڏهاڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ورلڊ بئنڪ پاران سنڌ ۾ مختلف اسڪيمن تي ڪم شروع ڪرڻ جو اعلان

ورلڊ بئنڪ اسلام آباد ۽ ڪراچي آفيس مئنيجمينٽ جي ٽيڪنيڪل اسٽاف جي ٽيم لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ جو تفصيلي دورو ڪيو

لاڙڪاڻي ۾ ٽراما ۽ رسپونس سينٽر تيار ڪري صحت کاتي جي حوالي ڪيو ويو آهي : ترجمان

سينٽر ڪراچي، حيدر آباد ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ صرف 6 مهينن تيار ڪيا ويا آهن

لاڙڪاڻو (رپورٽر) ورلڊ بئنڪ پاران سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪيترين ئي اسڪيمن تي تي ڪم شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سڄي دنيا مان حج ڪرڻ لاءِ
ايندڙ حاجين کي پلاسٽڪ جون
ٿيلهيون کڻڻ تي پابندي

رياض (م ڊ) سعودي جي حج ۽ عمره واري وزارت اعلان ڪيو آهي ته هن سال سڄي دنيا مان حج ڪرڻ لاءِ ايندڙ حاجين کي پلاسٽڪ جون ٿيلهيون، پاڻي جون بوتلون، پيڪنگ ڪانسواءِ کليل شيون ۽ ڪپڙن ۾ ويڙهيل شيون کڻي اچڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سينيٽر عبدالقادر به پي ٽي آءِ کان ڌار ٿي ويو

جناح هائوس، ڪور ڪمانڊر هائوس ۽ آرمي تنصيب تي حملي جي مذمت ڪريان ٿو: عبدالقادر

پاڪ فوج ۽ سيڪيورٽي ادارن جي قربانين کي وساري نه ٿو سگهجي

اسلام آباد(م د) سينيٽر عبدالقادر پاڪستان تحريڪ انصاف کان لاتعلقي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته آزاد اميدوار جي حيثيت سان منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

Islamabad Capital Territory Prohibition of Corporal Punishment Rules, 2022
اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

صوبائي سيڪريٽري عمران عطا سومرو جي ياد ۾ تعزيتي ريفرنس منعقد

ريفرنس دوستن پاران آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي سهڪار سان منعقد ڪيو ويو

عمران عطا سومرو ۽ اسان جو تعلق شڪارپور جي هڪ ئي علائقي سان آهي: امتياز شيخ

اسان جيڪو ڪجهه پوئتي ڇڏي وڃون ٿا اهو ئي ماڻهو ياد ڪن ٿا: سهيل راجپوت

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي سيڪريٽري عمران عطا سومرو ڪجهه ڏينهن پهرين دل جو دورو پوڻ سبب ڪراچي ۾ لاڏائوڪري ويو سندس ياد / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

انٽر بئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ
ريٽ ۾ وڏو فرق: روپئي جي
قدر ۾ گهٽتائي

ڪراچي(رپورٽر)انٽربينڪ ۽ اوپن مارڪيٽ جي مٽاسٽا جي شرحن جي وچ ۾ 22 رپيا في ڊالر جو وڏو فرق ڏٺو ويو، مقامي ڪرنسي جي وڏي پئماني تي قياس آرائي کي وڌايو رپورٽ موجب 26 جنوري تي مٽا سٽا جي شرح تان ڪيپ هٽائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

گيهه ۽ ڪاڇرو تيل سستو، نوٽيفڪيشن جاري

يوٽيلٽي اسٽورز تي مختلف برانڊز جو گيهه ۽ ڪوڪنگ آئل سستو ٿي ويو

يوٽيلٽي اسٽورن تي ڪوڪنگ آئل جي اگهه ۾ 76 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي

ڪراچي (م ڊ) مهانگائي جو شڪار غريب عوام لاءِ خوشخبري آهي ته يوٽيلٽي اسٽورز تي گيهه ۽ تيل جي اگهن ۾ وڏي گهٽتائي جو اعلان ڪيو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نوشهروفيروز ۾ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي سنڌ جي احتجاجي سڏ تي احتجاج

ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر، ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ سهتو، ڊاڪٽر سعيد احمد پاران ريلي

ميڊيڪل اسٽاف کي بنيادي پگهارن جي برابر هيلٿ پروفيشنل الائونس ڏنو وڃي: ڊاڪٽر

جنهن سبب خدشو آهي ته وزارتي ڪميٽي ميڊيڪل اسٽاف کي نظرانداز ڪري رهي آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي سنڌ جي احتجاجي سڏ تي سڄي سنڌ وانگر سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو ويو، ان موقعي تي ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر، ڊاڪٽر

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي سنڌ جي احتجاجي سڏ تي احتجاج ڪيو پيو وڃي

نئون ديرو لڳ پير جان محمد جي رهواسي کان هٿيار بندن پاران ڦرلٽ

نثار احمد ولد ممتاز علي ٻرڙو کان موٽر سائيڪل سوار هٿيار بندن ڦرلٽ ڪئي

ڌوهاري سرعام بي گناهه ماڻهن کان ڦرون ڪري رهيا آهن، پوليس خاموش آهي: واپاري

نئون ديرو (رپورٽر) نئون ديرو لڳ پير جان محمد جي رهواسي واپاري نثار احمد ولد ممتاز علي ٻرڙو کان موٽر سائيڪل سوار هٿيار بندن هٿيارن جي زور تي 210.000 روڪ ٻه لک ۽ ٽچ موبائل ڦر ڪري فرار نئون ديرو پوليس اسٽيشن تي اين سي داخل ڪرائڻ بعد پوليس پاران اسپتال لاءِ ليٽر ڏنو ويو جتي زخمي واپاري کي فرسٽ ايڊ ڏني وئي زخمي واپاري نثار ٻرڙو ميڊيا

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

پيارود پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺاڻن جو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

ڳوٺ دائود لاکو واسي ڳوٺاڻن عورتن معصوم ٻارڙن توڙي مردن آدم لاکو مظاهرو ڪيو

پوليس اهلڪار جبار مري سان زميني تڪرار هلندڙ هو، پوليس زيادتيون ڪري پئي: مظاهرين

ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪيون ٿا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پيارود پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺاڻن جو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ايس ايڇ او کي هٽائڻ جو مطالبو، خبر موجب پيارود پرسان ڳوٺ دائود لاکو واسي ڳوٺاڻن عورتن معصوم ٻارڙن توڙي مردن آدم لاکو، رابيلان لاکو زبيل لاکو ۽ ٻين جو پيارود پوليس جي مبينا زيادتين خلاف پاڪ ڪتاب هٿ ۾ کڻي سخت احتجاج ڪندي چيو ته اسان

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهرو فيروز : پيارود پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺاڻن پاران پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو پيو وڃي

ورلڊ بئنڪ پاران سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪيٽرين ٽي اسڪيمن تي ٽي ڪم شروع ڪرڻ جو اعلان

لاڙڪاڻو (ڊ ر) ورلڊ بئنڪ پاران سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪيٽرين ٽي اسڪيمن تي ٽي ڪم شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ ورلڊ بئنڪ اسلام آباد ۽ ڪراچي آفيس مئنيجمينٽ جي ٽيڪنيڪل اسٽاف جي ٽيم اربع واري ڏينهن تي سنڌ جي شهرن لاڙڪاڻي ۽ قمبرشهدادڪوٽ جو تفصيلي دورو ڪيو

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر هائيويز ايمپلائيز يونين سي بي اي يونين پاران بااثر ٺيڪيدار جي ڏاڍاين خلاف احتجاج

بي اي يونين سکر سنڌ ۽ يونائيٽيڊ پيپلز ليبر الائنس ورڪس اينڊ سروسز سنڌ پاران مظاهرو ڪيو ويو

جنرل سيڪريٽري سکر زاهد حسين لاشاري جنرل سيڪريٽري سنڌ يونائيٽيڊ جي اڳواڻن پاران ريلي ڪڍي

لاڳاپيل اختيارن کان مطالبو ڪيون ٿا ته عالمگير سولنگي خلاف ڪاروائي ڪرائي انصاف ڪيو وڃي:مظاهرين

سکر(بيورو رپورٽ) بااثر ٺيڪيدار جي ڏاڍاين خلاف هائيويز ايمپلائيز يونين سي بي اي يونين سکر سنڌ ۽ يونائيٽيڊ پيپلز ليبر الائنس ورڪس اينڊ سروسز سنڌ پاران ڊسٽرڪٽ هائيويز آفيس ٻاهران ملازمن جي وڏي انگ احتجاجي مظاهرو ڪري ٺيڪيدار خلاف نعري بازي ڪندي انجنيئر ۽ ملازمن کي تحفظ ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي هائيويز ايمپلائيز يونين سي بي اي

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪراچي ۾ پاڪستان زنده آباد بيسڪ آرگنائيزيشن پاران فوج جي حمايت ۾ ريلي

سنڌي جماعت ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي کان ملير پريس ڪلب تائين ريلي نڪتي

پاڪستان زنده آباد بيسڪ آرگنائيزيشن جي چيئرمين ظهير ميمڻ، سينيئر وائيس چيئرمين شريڪ

جنرل سيڪريٽري سيد محب الله شاهه، راڻا افضل، حق نواز جوکيو، مظهر چوهاڻ، ماما ايوب چوهاڻ شريڪ ٿيا

ڪراچي (رپورٽ) پاڪستان زنده آباد بيسڪ آرگنائيزيشن پاران يوم تڪشر شهداءَ جي عنوان سان سنڌي جماعت ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي کان ملير پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن پاران پاڪ فوج زنده

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي: پاڪستان زنده آباد بيسڪ آرگنائيزيشن پاران فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي

مڪلي جي رهواسين پاران پاڻي جي کوٽ توڙي بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج

پبلڪ پارڪ مڪلي کان ڊي سي آفيس تائين واصف قريشي، ياسر جاکرو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

ڪافي وقت کان پاڻي جو بحران پيدا ٿيڻ ڪري عوام پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ سخت پريشان اهي:مظاهرين

ڍنڍ مان پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪري صفائي، سترائي جا بهتر انتظام ڪري شهري کي پريشاني کان بچايو وڃي

ٺٽو(ڊر) مڪلي جي شهرين پاران مڪلي تي پاڻي جي کوٽ، صفائي، سترائي، ترقياتي ڪم ڪرائڻ سميت ٻين جائز مسئلن جي حل لاءِ هڪ وفد جي صورت ۾ واصف قريشي، ياسر جاکرو، دانش خاصخيلي، سلمان جاکرو، حاجي غلام محمد شورو جي قيادت ۾ ٽائون ڪميٽي مڪلي جي ايڊمنسٽريٽر عبدالڪريم ڪنڀار ۽ ٽائون آفيسر طارق حسين نعمان سان ملاقات ڪري ڪين

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪاڇي جي شهر ٽنڊو رحيم خان ۾ سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙن جي خاتمي لاءِ ريلي

اجمل ساوند جي ناحق قتل خلاف جي ڊبليو سي طرفان سنڌ ۾ احتجاج جو سلسلو جاري

جي ڊبليو سي طرفان ڪاڇي مرڪزي شهر ٽنڊو رحيم خان ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

وفا برهماڻي ڪامريڊ امين جمالي، اڪبر لاشاري، ڪامريڊ ظفر لاشاري عباس جمالي شريڪ

دادو(عزيزالله خاصخيلي) ڪاڇي جي شهر ٽنڊو رحيم خان ۾ سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙن جي خاتمي ۽ پروفيسر اجمل ساوند جي ناحق قتل خلاف جي ڊبليو سي طرفان سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو سلسلو جاري آهي قبيلائي جهيڙن ۾ بي گناهه قتل ٿيل پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ جي ڊبليو سي طرفان ڪاڇي مرڪزي شهر ٽنڊو رحيم خان ۾ احتجاجي مظاهرو

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو: ٽنڊو رحيم خان ۾ اجمل ساوند جي قتل خلاف جي ڊبليو سي طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي

ساحلي پٽي ۽ لاڙ واري علائقي لاءِ ڪيڊٽ ڪاليج قائم ڪيو پيو وڃي: امتياز علي ابڙو

ڪيڊٽ ڪاليج لاءِ مختص ڪيل زمين تي سائن بورڊ لڳائي خصوصي دعا گهري وئي

ساحلي پٽي سميت لاڙ پٽ جي شاگردن کي سجاول ۾ ئي اعلي تعليم ملي سگهندي

شاهه ڪريم بلڙي ۽ ٺٽو سميت علائقن جا شاگرد آساني سان تعليم حاصل ڪري سگهندا

سجاول: (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول سميت ساحلي پٽي ۽ لاڙ واري علائقي جي شاگردن کي اعلي تعليم ڏيارڻ لاءِ سجاول ۾ سنڌ سرڪار ۽ پاڪستان نيوي جي گڏيل سهڪار سان سجاول ڪيڊٽ ڪاليج قائم ڪيو پيو وڃي ڊپٽي ڪمشنر امتياز علي ابڙو پاڪ نيوي جي عملدارن سان گڏ ڪيڊٽ ڪاليج لاءِ مختص ڪيل زمين تي سائن بورڊ لڳائي خصوصي

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر ريلوي ڪاٽي جو حدخلين خلاف آپريشن، زمين تي غيرقانوني دڪان ڊاهي پٽ

ريلوي جي زمين تي قبضي خلاف ڪاروائي ڪندي .اسسٽنٽ انجنيئر پاران ڪارروايون

قائم ڪيل غير قانوني دڪانن تي قبضو مافيا خلاف ڪامياب ڪارروائي ڪري ورتي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ريلوي ڪاٽي جو حدخلين خلاف آپريشن، ريلوي جي زمين تي 32 لک روپين جي ماليت جا غيرقانوني دڪان ڊاهي پٽ. تفصيل موجب سکر ريلوي پاران ريلوي جي زمين تي قبضي خلاف ڪاروائي ڪندي

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

هيومنٽي اينڊ پيس فورم پريا پاران شهداءِ پاڪستان جي حق ۾ ريلي

فوج سان اظهار يڪجهتي جي سلسلي ۾ مين بس اسٽاپ چوڪ کان ريلي نڪتي

محمد قاسم جوڻيجو، امداد علي چنڙ، علي رضا جوڻيجو، محمد احسن جوڻيجو شريڪ ٿيا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) هيومنٽي اينڊ پيس فورم پريا، شاگردن ۽ سول سوسائٽي پريا پاران شهداءِ پاڪستان جي حق ۾ ۽ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي جي سلسلي ۾ مين بس اسٽاپ چوڪ کان پريس ڪلب پريا سٽي تائين

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

KISTAN ZINDABAD
PAKISTA
KISTAN ZINDA

نوشهرو فيروز: فوج سان اظهار يڪجهتي جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي

غريب آباد مارڪيٽ ڏاهيجي ۾ معمولي ڳالهه تان پاٽيجڻ مامي کي قتل ڪري ڇڏيو

پاٽيجا سڳي مامي 45 ورهين جي مزمل خان کي قتل ڪري فرار ٿي ويا، ڪيس داخل نه ٿيو

پوليس لاش کي تحويل ۾ وٺي ضروري ڪاروائي لاش کي گهارو اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

گهارو (بشام جوکيو) ڏاهيجي غريب آباد مارڪيٽ ۾ معمولي ڳالهه تان جهڙو فائرنگ ۾ پنهنجي پاٽيجي هٿان مامون قتل، تفصيل موجب

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر ۾ شديد گرمي، ٿڌين شين جي دڪانن تي رش، روڊ ويران ٿي ويا

شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ گرمي جي شدت ۾ اضافو ٿي ويو آهي

شڪارپور ڦاٽڪ سميت مختلف روڊن ۽ چوڪن تي ٿڌين شين جا اسٽال لڳي ويا

سکر(رپورٽ ماجد منگي) سکر ۾ شديد گرمي، ٿڌين شين جي دڪانن تي رش، روڊ ويران، خبرموجب سکر شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ گرمي جي شدت ۾ اضافو ٿي ويو آهي، سکر شهر ۾ سخت گرمي سبب اڪثر شهري گهرن تائين محدود

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٻوڏ کي روڪڻ لاءِ احتياطي اپاءَ وٺڻ لاءِ ڪانٽينجنسي پلان جوڙيو وڃي: ڪمشنر نوابشاهه

برساتي جو پاڻي ڪڍڻ لاءِ اليڪٽرڪ پمپنگ اسٽيشنون لڳائڻ جي اسڪيم تيار ڪئي وڃي

عملدرآمد کي يقيني بڻائين ۽ جنهن علائقي ۾ بيجارو پوکيل آهي ان کي تباهه ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڪمشنر شهيد بينظير آباد ڊويزن محمد عباس بلوچ ڊپٽي ڪمشنر آفيس نوشهروفيروز ۾ هڪ اجلاس

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز: ڪمشنر شهيد بينظير آباد محمد عباس بلوچ منعقد اجلاس جي صدارت ڪندي

سکر ۾ اهل سنت جي مختلف تنظيمن پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

پاڪ فوج جي حمايت ۾ باغ حيات علي شاهه کان گهنٽا گهر تائين ريلي ڪڍي وئي

ريلي جي اڳواڻي مشرف محمود قادري، حامد محمود فيضي، مولانا شهزاد قادري ڪئي

سکر(رپورٽ ماجد منگي) سکر ۾ اهل سنت جي مختلف تنظيمن پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ باغ حيات علي شاهه کان گهنٽا گهر تائين ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شريڪ ماڻهن کي هٿن ۾ بينر، پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کنيل هئا، ريلي جي اڳواڻي

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مٺي جي رهواسڻ عورت پاران پيار جي پرڻي بعد احتجاجي مظاهرو

ماول ۽ مرد ڪيتو ڪولهي بدين عدالت ۾ شادي ڪرڻ کان پوءِ مظاهرو ڪيو

ڪيتو ڪولهي سان گهران نڪري بدين عدالت ذريعي شادي ڪئي آهي:ماول ڪولهي

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) مٺي جي رهواسي عورت ماول ۽ مرد ڪيتو ڪولهي بدين عدالت ۾ شادي ڪرڻ کان پوءِ بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي ٻن ٻارن جي ماءُ ماول ڪولهي چيو ته منهنجو مڙس ڪجھ سال اڳ فوت ٿي ويو جنهن

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

EXPRESS NEWS
METRO1 NEWS
NEO NEWS GATHERING
SAMAA
ايمان
جهان پاڪستان
پاڪ سنڌ
WITNESS

بدين : پسند جو پرڻو ڪندڙ پريمي جوڙو تحفظ لاءِ اپيل ڪندي

دادو ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرن پاران هيپاٽائيٽس سينٽر تي احتجاجي مظاهرو

گذريل پوليو مهم دوران پيش آيل مامرو انتهائي ڳڻتي جوڳو آهي: مظاهرين

هن انڪوائري کي مڪمل رد ڪريون ٿا هن تي بي اعتمادي جو اظهار ڪريون ٿا

دادو(ن سنڌيار) ضلعي دادو جي ليڊي هيلٿ ورڪر يونين اڳواڻ ميڊيم ثمينه لاشاري، سرداران، حليمان، رشيدان، نجمه ۽ ٻين پاران پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته يوسي مخدوم تي ٿيندڙ مامري کان باخبر آهيون احتجاج ۾ اسان جي

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

گورنمنٽ هاير سيڪنڊري اسڪول غوثپور ۾ يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان جاري

پرنسپل واجد علي جکراڻي , استاد عبدالرحمان شاهه جيلاني استاد سليم شاهه جيلاني شريڪ

ايس ايڇ او غوثپور اختيار احمد ناريجو سيڪورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا آهن:ذريعا

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) گورنمنٽ هاير سيڪنڊري اسڪول غوثپور ۾ يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس جا ساليانه امتحان جاري امتحاني سينٽر تي نظم ۽ ضبط جو اعلا معيار پرنسپل واجد علي جکراڻي , استاد عبدالرحمان شاهه جيلاني استاد

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين جي ساحلي پٽي سان تعلق رکندڙ فشر فوڪ فورم جي اڳواڻن پاران احتجاج

سرڪاري سم نالي تي ويٺل جعفر ٿهيمور کي مهاڻن خلاف استعمال ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

هٿيارن جي زور تي غريب ماهيگيرن کي اڃڻ ئي نٿو ڏئي ۽ غريب مهاڻا روزگار لاءِ پريشان آهن

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي ساحلي پٽي سان تعلق رکندڙ فشر فوڪ فورم جي اڳواڻي ضلعي صدر ملن ملاح مسمات گڏي ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بدين پريس ڪلب اڳيان ماهيگيرن جي هڪ گروپ خلاف احتجاجي مظاهرو

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

بدين : متاثر رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز اسڪارپ ايمپلائيز يونين ۽ آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونين فيڊريشن پاران احتجاج

اسڪارپ جي ڪرپٽ انجنيئر زرغام راڄپر ۽ سياسي پرتين خلاف آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو-

بجيٽ رکندي ٻه انٽرويو ڏيندڙ اميدوارن لاءِ پيئڻ جي پاڻي سميت ڪو به انتظام نه ڪيو آهي: مظاهرين

گرمي جي شدت ۾ واڌ ۽ بد انتظامي سبب انٽرويو ڏيڻ وارا اميدوار انٽرويو ڪانسواءِ ئي گهرن ڏانهن روانا

نوشهروفيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) اسڪارپ ايمپلائيز يونين پاران ميرٽ بدران سياسي پرتين ۽ اسڪارپ انجنيئر زرغام راڄپر جي ڪرپشن خلاف ڊي سي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو رهاڄ اڳواڻ اقبال احمد لاڙڪ خادم حسين مر ساگر

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: اسڪارپ ايمپلائيز يونين ۽ آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونين فيڊريشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

پوري قوم پاڪستان جي شهيدن جو ڏهاڙو ملهائي رهي آهي: ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

شهيدن جو ڏينهن انهن ماڻهن جو آهي جن جي پاڪ رت سان هي ملڪ سلامت آهي

پاڪستان جي قوم شهيدن ۽ انهن جي قابل فخر خاندانن جي مقروض رهندي: ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته پوري قوم اڄ پاڪستان جي شهيدن جو ڏهاڙو ملهائي رهي آهي، پاڪستان جي شهيدن جو ڏينهن انهن ماڻهن جو آهي جن جي پاڪ رت سان هي ملڪ سلامت آهي جيڪو اسان جي سڃاڻپ آهي ۽ اڄ اسان اهو عزم ڪريون ٿا ته جيڪڏهن هن مقدس ملڪ کي ڪٿي به ڪڏهن به اسان

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين ۾ يوم تڪريم شهداءِ عقيدت ۽ احترام سان ملهائڻ لاءِ ريلي

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي جي قيادت ۾ ريلي ڪڍي وئي

اين جي اوز، ميڊيا، اقليتن ۽ سول سوسائٽي جي هر طبقي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

فورسز جي جوانن پنهنجي جانين جي قرباني ڏئي اسان جي مستقبل کي محفوظ بڻايو:عملدار

ٽنڊوباگو (سهيل سمون) پوري ملڪ جيان بدين ۾ به يوم تڪريم شهداءِ عقيدت ۽ احترام سان ملهائڻ جي لاءِ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي جي قيادت ۾ ڊي سي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ تعليم، صحت، پوليس، روينيو، اطلاعات کاتو ۽ ضلعي جي سرڪاري غيرسرڪاري تنظيمن، اين جي اوز، ميڊيا، اقليتن ۽ سول سوسائٽي جي هر طبقي

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊوباگو :ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي جي قيادت ۾ ريلي ڪڍي وئي

جماعت اصلاح المسلمين پاران هوش محمد چنڙ جي چاچي جي لاڏاڻي تي تعزيت جو سلسلو هلندڙ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 جي پريس سيڪريٽري هوش محمد چنڙ طاهري جي چاچي جو انتقال ڪري ويو، ان جي تعزيت جي لاءِ ڳوٺ ڦڪا ۾ جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 جي صدر خليفه منير احمد عباسي ۽ ٻين عهديدارن غلام نبي ميمڻ عبدالاحد لغاري غلام

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو ميونسپل ڪاميٽي ۾ آزاد اميدوار طور ڪامياب امير شاهه بخاري پ پ ۾ شامل

عوامي شاعر استاد بخاري جي خاندان سان تعلق رکندڙ امير شاهه بخاري شموليت ڪئي

پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي، عوام جي حقن لاءِ پ پ هميشه ميدان ۾ آهي: رفيق جمالي

سيد امير شاهه اڳ به پ پ پ ۾ رهيو آهي ۽ ٻيهر به پ پ ۾ شموليت تي کيس ڀليڪار چئون ٿا

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ميونسپل ڪاميٽي ۾ تازو بلدياتي اليڪشن ۾ آزاد اميدوار طور ڪامياب ڪاميابي ماڻيندڙ سنڌ جي سدا حيات عوامي شاعر استاد بخاري جي خاندان سان تعلق رکندڙ سيد امير شاهه بخاري پ پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو، ميونسپل ڪاميٽي جي ميمبر طور قسم کڻڻ بعد آزاد اميدوار سيد امير شاهه بخاري پ پ پ ضلعي

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

خانپورمهر ۾ سول سوسائٽي پاران نورعين فاطمه مهر جي اصل قاتلن خلاف احتجاج

مختلف سياسي سماجي ڌرين توڙي شهرين پاران ڊاڪٽر ثناءُ الله مهر جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

ڪيس ۾ سازش چوري نڪاح ڪندڙ سندس مڙس منصور سومرو کي شامل ڪيو وڃي:مظاهرين

نورعين مهر جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ نينگر ثمرت ڪمار کي فوري طور بازياب ڪرايو وڃي

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ سول سوسائٽي پاران نورعين فاطمه مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري ۽ ڪنڌڪوٽ واسي نينگر جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو، خانپورمهر ۾ مختلف سياسي سماجي ڌرين

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

احتجاج احتجاج احتجاج
سنڌ جي ڌيءَ
نورين مهر جي
خون سان انصاف ڪيو وڃي

خانپورمهر : سول سوسائٽي پاران نورعين فاطمه مهر جي اصل قاتلن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر سائيٽ ۾ سب انجنيئر جي آفيس ۾ ورڪس سپروائيزر مٿان هٿيار بندن جو حملو

محمد نواز شيخ مٿان غلام مصطفيٰ ، غلام سرور جمالي ۽ ٻين حملو ڪري ڪيس مارڪٽ ڪئي

غلام مصطفيٰ جمالي جي سينارٽي کي چيلنج ڪيو آهي ۽ ان خلاف درخواست ڏني آهي: محمد نواز

جوابدارن زبردستي مونکي مارڪٽ ڪري تشدد جو نشانو بڻائي اگرا نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون

سکر(بيورو رپورٽ) سکر سائيٽ ۾ سب انجنيئر جي آفيس ۾ ويهي ڪم ڪندڙ ورڪس سپروائيزر محمد نواز شيخ مٿان غلام مصطفيٰ جمالي، غلام سرور جمالي ۽ ٻين حملو ڪري ڪيس مارڪٽ ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي متاثر ملازم محمد نواز شيخ کي سخت تشدد نشانو بڻايو ويو، واقعي ڊس ۾ متاثر محمد نواز شيخ ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته مون غلام مصطفيٰ

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪارڪنن پاران گهوٽڪي ڪائونسل جي چيئرمين شپ بابرعلي خان لُنڊ کي ڏيڻ جو مطالبو

ضلعي گهوٽڪي ليبر بيورو جي جنرل سيڪريٽري رضوان علي پنو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ڏهرڪي جي صدر ميان رشيد احمد قادري، حسنين نديم دايو، محمد رمضان لغاري پاران مظاهرو ڪيو ويو

گهوٽڪي جي عوام ضلعي صدر مير بابر علي خان لُنڊ مان انتهائي خوش ۽ مطمئن آهي:مظاهرين جون ڳالهيون

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند مرتواڻي) ڏهرڪي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي گهوٽڪي پيپلز ليبر بيورو جي جنرل سيڪريٽري رضوان علي پنو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين شپ مير بابر علي خان لُنڊ کي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو تفصيل موجب ڏهرڪي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي گهوٽڪي ليبر بيورو جي جنرل سيڪريٽري رضوان

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

گهوٽڪي : پ پ جي ڪارڪنن پاران گهوٽڪي ڪائونسل جي چيئرمين شپ بابرعلي خان لُنڊ کي ڏيارڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي

ماهيگيرن سان سنڌ توڙي وفاقي حڪومت ظلم ڪري رهي آهي: مهراڻ علي شاهه

ماهيگير انڊيا جي جيلن ۾ واڙيل آهن انهن کي آزاد ڪيو وڃي ماهيگيرن کي بنيادي حق ڏنا وڃن

سمنڊ ۾ مٺو پاڻي ڇوڙ نه ٿيڻ ڪري سمنڊ هزارين ايڪڙ زمينون ڳڙڪائي اڳتي وڌي رهيو آهي

پاڻي اسان کان روزگار کسي ورتو آهي هتان جي ڍنڍن مان ناياب نسل جون مڇيون اٽلپ ٿي ويون آهن

بدين(مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي سامونڊي پٽي زيرو گونگڙو ۽ مهيار ڏانڊل ڳوٺن جي ماهيگيرن سان گڏجاڻي ۾ پاڪستان فشرفوڪ فورم جي مرڪزي چيئرمين سيد مهراڻ علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته ماهيگيرن سان سنڌ حڪومت توڙي وفاقي حڪومت ظلم ڪري رهي آهي سامونڊي پٽي ۾ پاڻي جي شديد کوٽ آهي جنهن سبب ڍنڍون ۽ ڍورا سڪي ويا آهن جنهن سبب

بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمعو 26 مئي 2023ع

حڪومت جي ’مسڪينان مار مهم‘

حڪومت جي ’مسڪينان مار مهم‘ جاري آهي ۽ هر ڪوٽ ۾ خسارو عوام مان پورو ڪيو پيو وڃي. هڪ ته عالمي مالياتي اداري جي فرمائش تي مهانگائي وڌائي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪيو ويو آهي. مٿان وري حڪمرانن جي نا اهليءَ ۽ انتظامي گرفت ڍري هجڻ سبب منافعي خور مافيائون عوام جو رت ست چوسي رهيون آهن. ويتر بنا سبب بارڻ جون قيمتون وڌائي عوام لاءِ زندگيءَ جا گس به سوڙها ڪيا پيا وڃن. بجلي هجي يا گيس يا تيل هجي. ان جون قيمتون وڌائي مهانگائيءَ کي مهميزون هڻيون پيون وڃن. تازي ’واردات‘ اها آهي ته نيپرا بجليءَ جي قيمتن ۾ هڪ رپيو، 25 پئسا في يونٽ جي حساب سان واڌ ڪري ڇڏي آهي. قيمتن ۾ واڌ هلندڙ سال جون کان سيپٽمبر تائين لاڳو هوندي. جاتايل واڌ سان واهپيدارن تي 46 ارب رپين جو اضافي بار پوندو.

هي ملڪ ايٽمي طاقت ته آهي پر هتي عوام جي ضرورتن مطابق نه بجلي آهي، نه گيس آهي ۽ نه ئي سستي تيل جون سهولتون ميسر آهن. جيئن جيئن گرمي وڌندي وڃي، تيئن تيئن بجليءَ جي بندش به وڌندي وڃي. اڳ ۾ ان بندش کي لوڊشيڊنگ جو نالو ڏنو ويندو هو، پوءِ ان کي ’لوڊ مئنيجمينٽ‘ جي نالي سان سڏيو ويو پر هاڻي ته ان جو ڪو به نالو ڪونهي. سنڌ ۾ ته ’شٽ ڊائون‘ ڪري 8 کان 16 ڪلاڪ بجليءَ جي بندش عام آهي. بجلي نه هجڻ جي ڪري نه پاڻي ٿو ملي ۽ نه ئي وري ڊرينيج سسٽم هلي ٿو. بجلي نه هجڻ جي ڪري گرميءَ ماڻهن جون متيون منجهائي ڇڏيون آهن. هن وقت سنڌ ۾ امتحانن جي سيزن آهي. امتحانن دوران به بجلي بند رهي ٿي. گذريل ڏينهن ڊگري ڪاليج ٽيڙهي ۾ امتحان دوران لوڊشيڊنگ ۽ سخت گرميءَ سبب يارهين ڪلاس جو شاگرد فوت ٿي ويو. اها ايف آءِ آر ڪنهن تي ڪٽرائجي؟! هڪ طرف بجلي ئي ڪانهي. مٿان وري عذاب اهو جو بجليءَ جي اگهن ۾ هر نئين ڏينهن اضافو ڪيو پيو وڃي. عوام جا اهنج گهٽائڻ بدران حڪومت کي بجلي جي ورچ ڪمپنين جي منافعي جو وڌيڪ اونو آهي. ماڻهن کي بجلي ملي ئي ڪانه ٿي، پر فيول ايڊجسٽمينٽ جي نالي ۾ باقاعدگيءَ سان عوام تي معاشي بار وجهڻ جو سلسلو جاري آهي. هن پيري به اڳ ئي مهانگائيءَ جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙ عوام تي هڪ ئي ڌڪ سان 46 ارب رپين جو بار وڌو ويو آهي. ملڪ معاشي طور ڏيوالپڻي کي پهچي چڪو آهي، رڳو رسمي اعلان باقي آهي. ڏيهي صنعتڪار پنهنجون صنعتون پرڏيهه منتقل ڪري رهيا آهن يا وري ملڪ اندر ئي سيڙپ ڪرڻ، صنعتون لڳائڻ بدران پنهنجي موڙي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سيڙائڻ کي ترجيح ڏيئي رهيا آهن. پرڏيهي سيڙپڪار اچڻ لاءِ تيار نه آهن. جتي بارڻ مهانگو هجي، امن امان جون حالتون خراب هجن، سياسي غير يقيني چانيل هجي، اهڙين حالتن ۾ سيڙپڪار ڪيئن سيڙپ ڪندا؟ انهن کي ته پنهنجي موڙيءَ جو تحفظ گهرجي، اهو تڏهن ممڪن ٿيندو، جڏهن امن امان جون حالتون بهتر ٿينديون ۽ بارڻ جا اگهه گهٽ ٿيندا. حڪمرانن کي آخر اها ڳالهه چو نٿي سمجهه ۾ اچي ته ملڪ جي خوشحالي عوام جي خوشحاليءَ سان مشروط آهي. عوام جي جيئڻ جا رستا سوڙها ڪري ملڪ کي ڪيئن ٿو خوشحال بڻائي سگهجي! بجليءَ جا اگهه وڌائڻ سان صرف واهپيدارن تي ئي مالي بار نه پوندو، پر بارڻ جي قيمتن وڌڻ جا اثر گهڻ رخا آهن. جنهن جو اثر سمورو عوام ڀوڳي ٿو. مهانگائي وڌي ٿي، چو ته مختلف شين جي پيداواري لاڳت وڌي ٿي، صنعتڪار وري ترن جو تيل ترن مان ڪڍي ٿا وٺن.

حڪمرانن جو وس پڄي ته اهي عوام جي ساهه کڻڻ تي به ٽيڪس هڻڻ ۾ دير نه ڪن. هن شديد مهانگائيءَ جي دور ۾ عوام لاءِ جسم ۽ روح جو رشتو برقرار رکڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي. زندگيءَ جي اذيت ايتري ته سرس ۽ سوائي ٿي ويئي آهي، جو ماڻهو زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏيڻ لڳا آهن. ملڪ ۾ خودڪشين جو وڌندڙ لاڙو به ان ئي صورتحال جو عڪاس آهي. ان ڪري ماڻهن تي مالي بار وڌائڻ بدران انهن جي زندگين ۾ سهنجايون پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان بجليءَ جي اگهن ۾ واڌ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي اها گهر ٿا ڪريون ته اها واڌ واپس ورتي وڃي. هر ڪوٽ ۾ خسارو عوام مان پوري ڪرڻ جي روش ترڪ ٿيڻ گهرجي.

عالمي سياسي تناظر ۾ پاڪستان جي صورتحال

ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو

علامه اقبال جي هڪ شعر جو مفهوم ياد اچي ٿو. جنهن ۾ هن چيو هو ته خدا جي عظمت جو ڪمال اهو آهي جو هن باهه مان هڪڙو شيطان پيدا ڪيو پر شيطان جو ڪمال اهو آهي، جو هن مٽيءَ مان پاڻ جهڙا به لک شيطان پيدا ڪري ڏيکاريا پيارو پاڪستان نائين مئي تي انهن ئي لکن مان شايد به اڍائي هزار ڪن جي سرمستين جي ور چڙهي چڪو هو. جن پاڪستان جي رياستي وجود کي ڏوڏي وڌو هو ملڪ جي سياسي تاريخ ۾ 16 ڊسمبر 1971ع کان پوءِ نائين مئي 2023ع جي واقعن کي ڪاري قيام جي ڏهاڙي طور ياد رکيو ويندو هوندو. هوئڻ به هن ملڪ جي سياسي تاريخ الميائي حد تائين تاريڪ آهي ۽ نائين مئي جي واقعن سان ان تاريخ جي صفحن ۾ هڪ ڪاري باب جو وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. مٿان بدقسمتي اها ته ملڪ جي اهڙي الميائي تاريخ ختم ٿيڻ بجاءِ وڃي ٿي وڌيڪ اينگهندي. ٿيڻ ته ائين گهربو هو جو ڪنهن موڙ تي ڪجهه غلطين کان پوءِ توبه جا دروازا بند ٿيڻ گهرجن ها. سياستدانن، ججن، جرنيلن، سرمائيدارن، ڪامورن ۽ جاگيردارن جي سياسي عقيدن، ظاهر باطن اعمالن، ذوق شوق وارين عادتن ۽ خصلتن جو حساب ڪتاب ٿئي ها پر ائين نه ٿيو ۽ نتان جو ملڪ معاشي ڏيواليپڻي، مذهبي چڪتاڻ، سياسي افراتفري، بدامني، نا انصافي ۽ ٻين مسئلن جي ور چڙهي وڏي بحران جو شڪار ٿي چڪو آهي.

حڪومتي ڪار وهنوار ۽ ملڪ جي تعمير ۽ ترقي جي نالي ۾ پاڪستان اندر ڪيترائي تجربا ٿيا. جيڪي تجربا ڪما حقہ ته هتان جي سيڪيورٽي اسٽيبلشمينٽ ڪيا. تلهي ليڪي پنجهتر سالن جي عمر کي پهچڻ تائين ست، اٺ تجربا ته واضح ۽ چٽا نظر اچن ٿا. جيڪي هائبرڊ نظام نافذ ڪرڻ جا تجربا هئا. "ڊز ريڊيو، سسي پاڪري" واري چوٽيءَ تي بڏل انوکا سياسي معاشي ۽ سماجي تجربا. مثال طور قائد اعظم جي 11 آگسٽ واري تقرير کي ڪي سيڪيولر نظام رائج ڪرڻ جو اشارو سمجهن ٿا ته ڪن وٽ ان کي اسلامي فلاحي رياست سان منسوب ڪيو وڃي ٿو. وفاقيت Federalism کي مڃيندي به Statism يعني معاشي مرڪزيت قائم ڪرڻ. سوشلزم جي ڳوٿريءَ کي اسلامي شئي ڌاڳي سان سبڻ. رومن قانون سان گڏ نظام مصطفيٰ متعارف ڪرائڻ. "جمهوريت هڪ بهترين انتقام" جي نعري ۾ آمرن ۽ قاتلن سان اقتدار ۾ ڀائيوار ٿيڻ. صوبن جي موجودگيءَ ۾ ضلعي حڪومتن جو قيام آڻڻ ۽ ڏاڪڻ ڦيٽڻ جي زور تي مدني رياست قائم ڪرڻ جهڙيون دعوائون ۽ عمل پاڪستان جي هائبرڊ نظام جي تاريخ جا اهم ۽ دلچسپ باب آهن. هينئر حالت اها آهي جو پاڪستان کي هڪ اسلامي، جمهوري، وفاقي يا آئيني ملڪ سڏڻ جي موافقت يا مخالفت ۾، هڪ ئي وقت بهترين کان بهترين دليل ڏيئي سگهجن ٿا. اسان جو نقاد دانشور ملڪ جي هر شعبي جي اوڻاين کي انگريز جي ڏنل وراثت سان منسوب ڪندو اچي ٿو پر حقيقت اها آهي ته وراثت جي مختلف قسمن مان پاڪستان اندر حڪومتي ڪار وهنوار ۾ Hybrid inheritance گاڏڙ ساڏڙ هئو نظام روز اول کان رائج ڪيو ويو هو. جنهن کي ڪڏهن روشن خيال ريڊيڪل ته ڪڏهن اعتدال پسند ته ڪڏهن وري رجعت پرست حڪمرانن جي حوالي پئي ڪيو ويو. جن جي ڳڏيل تعريف بيان ڪندي روزويلٽ چيو هو ته، "روشن خيال ريڊيڪل اهو آهي، جنهن جا ٻئي پير زمين بدران هوا ۾ هوندا آهن. قدامت پسند اهو سياستدان آهي، جنهن کي ٻه مڪمل صحت مند ٽنگون ته هجن پر هو اڳتي وڌڻ کان قاصر هجي ۽ رجعت پسند ته هميشه پسماندگيءَ جو شڪار رهندو آهي."

2018ع کان پوءِ پاڪستان ۾ جيڪو نظام لاڳو ڪيو ويو، اهو Hybrid inheritance کان وڌيڪ درجي جو هو. جنهن ۾ روشن خيالي، رجعت پرستي ۽ اعتدال پسندي جا سڀ وکر ڪُٽي گڏ ڪري ملايا ويا هئا. جنهن جو ردعمل نائين مئي تي فسطائيت يا فاشزم جي خطرناڪ روپ ۾ ان وقت ظاهر ٿيو. جڏهن رياست جي علامتي سگهه وارين جاين ۽ ان سان واڳيل شين کي تاراج ۽ تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

پاڪستان جي تاريخ ۾ جهاتي پائڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ورهاڱي کان وٺي هن دور تائين هتان جي عوام کي سندن قومي، لساني، ثقافتي ۽ جمهوري حقن کان محروم رکڻ لاءِ مٿي ذڪر ڪيل مختلف قسم جا هائبرڊ نظام متعارف ڪرايا ويا هئا. ترقي پسند ۽ قوم پرست جماعتن ۽ شخصيتن سان رياستي سطح تي جليون ڪيون ويون هيون ۽ ڪين قيد ڪشالن جي بند ۽ بدبودار ڪوٺين حوالي ڪيو ويو هو. پر انهن شخصيتن ۽ جماعتن رد عمل ۾ اسٽيبلشمينٽ سان پنهنجا سياسي اختلاف سياست جي ميدان تائين محدود رکڻ کي ترجيح ڏني هئي. فوج جي وقار کي ائين ڇيهو رسائڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي. ياد رکڻ گهرجي ته اهي سڀ غير پنجابي هئا. شايد تنهنڪري پوتو نه پئي پانيائون! منهنجي خيال ۾ ائين ناهي. ٽڪرائڻ جي سگهه هوندي به هو سياست مان نا اميد نه ٿيندا هئا ۽ هر صورت ۾ اقتدار حاصل ڪرڻ سندن ترجيحات ۾ شامل نه هو. سندن ترجيح سياسي انقلاب هو. سونامي نه! هو سياسي معتبر هئا. سياسي لوفر نه. هو پاڪستان ۾ شامل تاريخي قومن جا نمائندا هئا. تاريخ ۾ زنده رهڻ هنن جي ترجيح هئي.

اها حقيقت مڃڻ گهرجي ته موجوده دور ۾ ملڪ جا اڪثر سياسي ليڊر ۽ سندن پارٽي ورڪر ادب، تاريخ، فلسفي، معاشي ۽ سماجي علمن جي رڳو سطحي ڄاڻ رکن ٿا يا وري صفا نيٽ اڻڄاڻ ۽ اڻڏا آهن. چو ته ملڪ جي موجوده سياست ۾ رڳو سياسي تقليد هلي رهي آهي. دنيا جي وڏن سياسي مدبرن پنهنجا سياسي پوئلڳ ضرور پيدا ڪيا پر مذهبي رهنمائن وانگر پنهنجا سياسي مقلد ڪونه ٺاهيا. اهو تجربو پاڪستان ۾ ٿي رهيو آهي. جتي سياست کي هڪ cult يا فرقي جو روپ مليل آهي ۽ جڏهن سياست فرقي جو روپ وٺندي آهي. تڏهن دهشتگردي اٽٽر ٿي پوندي آهي.

اها حقيقت آهي ته ملڪ ۾ متعارف ٿيل هائبرڊ نظامن جا سڀ تجربا هتان جي اسٽيبلشمينٽ جي تجربيگاهه ۾ ٿيندا رهيا آهن. جيڪا وري عالمي اسٽيبلشمينٽ جي ساٿاري هجڻ جي وڏي تاريخ رکي ٿي. سرد جنگ دوران عالمي ڪميونسٽ تحريڪ کي چٿڻ ۽ چيڀاٽڻ ۾ سندن ساٿ رهيو آهي. ٻنهي جو مثال ان عاشق ۽ معشوق جهڙو آهي، جيڪي هڪٻئي جي ڀاڪرن ۾ سمهي هڪجهڙا خواب ڏسندا آهن. اقبال کهڙو به خواب لڌو هجي پر ورهاڱي کان پوءِ پاڪستاني عوام جو خواب هڪ سيڪيولر جمهوري ۽ قومي رياست ناهڻ هو پر شايد اهو عالمي اسٽيبلشمينٽ کي منظور نه هو. تنهنڪري اسان به ان کي اڄ تائين نامنظور پيا چئون.

پاڪستان جي موجوده صورتحال ۾ رياستي يا حڪومتي سطح تي جيتوڻيڪ آمريڪا جي پاليسي خاموشي واري آهي پر ڪوپ اندر طوفان برپا ٿي چڪو آهي. آمريڪا جا اڳوڻا سفارتڪار زلمي خليل زاد ۽ جان بولٽن ڪلمر ڪلا عمران خان واري ٻولي ڳالهائي رهيا آهن. جنهن مان پڪ ٿئي ٿي ته آمريڪا سرڪاري سطح تي پاڪستان حڪومت جي موجوده پاليسين کان ناخوش آهي. پاڪستان آمريڪا جا اختلاف چين جي سيپيڪ واري مامري تان آهن. جيڪو عمران خان جي دور ۾ ڏري گهٽ بند ٿي چڪو هو. جنهن کي بند ڪرڻ ۾ جنرل باجوا جو راضپو به شامل هو. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي تي هوئڻ به گهڻو ڪنٽرول دفاع ۽ گهرو ڪاتي جو رهندو اچي ٿو جيتوڻيڪ آمريڪا هڪ پراڻو دوست ملڪ آهي پر اسلام آباد کان واشنگٽن ويندڙ جهاز سعودي شهر رياض مٿان گذرندو آهي. بائيڊن ۽ MBS جا رابطا بلڪل ڪٽيل هجڻ سبب پاڪستان سعودي لاڳاپن کي وڌيڪ ترجيح ڏئي ٿو ياد رکڻ گهرجي ته سعودي خاندان وٽ شروع کان پرڏيهي پاليسي ۾ رياست بدران ذاتي نوعيت جي تعلقاتن کي ترجيح ڏني ويندي آهي. شاهه عبدالله جا آصف زرداري لاءِ، جڏهن هو پاڪستان جو صدر هو، چيل لفظ سفارتي ٻوليءَ جي خلاف هئا پر پاڪستان جي مفادن خاطر اهي برداشت ڪيا ويا هئا. بائيڊن کي به سعودي ۾ انساني حقن جي ڳالهه ڪري ريجن ۾ خواه مخواه هڪ اهم دوست ۽ اتحادي کي رنجائڻ نه کپندو هو. جنهن جو ڪيس ڪافي نقصان پهتو آهي پر پاڪستان اهڙو نقصان برداشت ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهي. تنهنڪري آمريڪا جي ڪنهن دٻاءَ ۾ اچڻ بدران پاڪستان سعودين سان گڏ بيهڻ کي ترجيح ڏيندو عرب ملڪن ۾ هوئڻ به وڌيڪ پذيرائي پاڪستاني فوج جي سربراهه کي مليل هوندي آهي. آمريڪي سفارتڪارن طرفان جنرل عاصم منير تي لفظي حملا سفارتي اصولن جي خلاف آهن. پاڪستاني فوج آمريڪا جي اتحادي رهي آهي. پنهنجي مضبوط اتحادي کي سياست جي ور چاڙهڻ آمريڪا جو پراڻو شيوو رهيو آهي پر ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستاني فوجي ۽ سياسي قيادت سان گڏ عرب ليڊرشپ به مضبوطي سان جنرل پٺيان بيٺل آهي. ايڪس سروس مين جو ننڍڙو جٿو هڪ طاقتور فوجي قيادت جو وار به ونگو نٿو ڪري سگهي.

خطي ۾ وڌندڙ عالمي صف بندي پاڪستان جي سياسي ۽ ملٽري اسٽيبلشمينٽ لاءِ هڪ امتحان ضرور آهي پر پاڪستاني سياستدان ۽ فوجي جنرل سفارتڪاري جي بهترين ڳُرن مان واقف آهن. ٻئي طرف دير سوير يا ڪٿي بائيڊن جي ٽينيوئر کان پوءِ سعودي_ آمريڪا لاڳاپن ۾ بهتري ضرور اچڻي آهي. تنهنڪري پاڪستان کي پنهنجي اندروني صورتحال سبب دوست ملڪن سان لاڳاپا خراب نه ڪرڻ گهرجن. البت لفاظي جي والين هڻڻ ۾ ڪا گهٽتائي نه ڪرڻ گهرجي.

ڪُوئي ڪُهي سُپرِين، ڪُوئي ڪُهڻَ سانُ؛
نيزي هيٺان نِينهن جي، پاسي ڪر مَ پاڻُ؛
ڇُلَ، وِڃائي جانُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

هن جو عنوان هجڻ گهرجي، سانڍي جهڙي سياست ۽ سادڙو عوام

طفيل مگسي

جيئن ته ڪور ڪمانڊر هائوس ڪيس ۾ گهربل اڳوڻي خزاني جي وزير سلمان شاهه جي ڌيءَ ۽ اڳوڻي چيف آف آرمي اسٽاف آصف نواز جنجوعه جي ڏوهٽي خديجا شاهه پوليس جي ڇاپي جي وقت گهر کان فرار ٿي نڪتي ۽ جهانگير ترين جي ڌيءَ مهر ترين ۽ ان جي مڙس عمر شيخ سان گڏ سندن گلبرگ لاهور واري اپارٽمينٽ ۾ پناهه ورتي. جنهن تي جهانگير ترين پنهنجي پراڻي ملازم عون چوڌري جي ڊيوٽي هڻئي ته خديجا شاهه سندن پناهه ۾ آهي. ان جو وار به ونگو نه ٿيڻ گهرجي. ياد رهي ته عون چوڌري ساڳيوئي عون چوڌري آهي. جيڪو هن وقت وزيراعظم شهباز شريف جو خاص صلاحڪار پڻ آهي. ۽ هن کان اڳ هو عمران خان جي پيارن ملازمن منجهان هڪ رهي چڪو آهي. نه صرف اهو بلڪ اهوئي عون چوڌري آهي. جنهن عمران پنڪي پيرياڻي جي ٻئي نڪاح جو بندوبست پڻ ڪيو هو چوڌري خديجا شاهه کي گرفتاري کان بچائڻ جي لاءِ هر وڏي پوليس آفيسر کي پاڻ فون ڪري نهن چوٽي جو زور لڳايو ۽ گڏ ئي وزيراعظم شهباز شريف کان به سفارش ڪرايائين. ليڪن فوجي اسٽيبلشمينٽ ديوار برلن بڻجي رهي ته خديجا شاهه کي ڪنهن به صورت ۾ ضرور گرفتار ڪيو ويندو. ٻيئي پاسي مزي جي ڳالهه اها به آهي ته خديجا شاهه جو سهرو سرمد امين شهباز شريف جو ذاتي دوست آهي ۽ دوستي جو اهو دٻاءُ پڻ وزيراعظم کي مجبور ڪندو رهيو ته هو پنهنجي چيف سيڪيورٽي آفيسر کان پوليس ۽ فوج کي فون ڪرائي ته خديجا شاهه کي گرفتار نه ڪيو وڃي. جڏهن ته چوڌري شجاعت حسين کي پڻ ڏاڏي بابا جو ڪردار ادا ڪندي ڏٺو ويو ڇاڪاڻ ته چوڌري شجاعت حسين جا ان خاندان سان نه صرف تمام ويجهڙا تعلقات آهن بلڪ اهو خديجا شاهه جي نڪاح جو شاهد پڻ آهي. چوڌري شجاعت حسين پنهنجي طرف کان ايجنسين کي منٿون ڪيون ته خديجا شاهه کي گرفتار نه ڪيو وڃي. ليڪن جڏهن خديجا شاهه جي مڙس جهانزيب امين کي گرفتار ڪيو ويو ته ڳالهه چٽي ٿي ڪري سامهون آئي ته موصوف 83 لکن جي هڪ غبن ۽ بوگس چيڪ ۾ اڳ کان ئي اشتهاري آهي. پر ڪيس کي ان وقت تائين گرفتار نه ڪيو ويو جيستائين اسٽيبلشمينٽ کي ناراض نه ڪيائين. خديجا شاهه ۽ سندس مڙس تي ڪراچي ۾ به غبن ۽ فراڊ جا چار ڪيس اڳ کان ئي موجود آهن. پوليس خديجا شاهه کي گرفتار ڪرڻ جي لاءِ جڏهن جهانگير ترين جي ڌيءَ جي گهر تي ڇاپو هنيو ته مهر ترين ۽ سندس مڙس عمر شيخ ڳجهي لفٽ جي وسيلي خديجا شاهه کي بلڊنگ جي ته خاني ۾ پهچائي ڇڏيو جتان کان اهي ٻيهر فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جڏهن پوليس کي اها پروڙ پئي ته خديجا شاهه جهانگير ترين جي ڌيءَ جي گهر کان فرار ٿي وئي آهي ته پوليس کي اطلاع مليو ته خديجا شاهه پي ٽي آئي جي وڪيل خواجا طارق رحيم جي گهر ۾ لڪل آهي. طارق رحيم جنهن جي گهرواري چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بنديال جي سس جي دوست آهي. بهرحال پوليس جڏهن طارق رحيم جي گهر جي تلاشي وٺڻ جي ڌمڪي ڏني ته شام جي وڳڙي ڏاري طارق رحيم جي گهر کان هڪ گاڏي نڪتي. جنهن تي پوليس کي شڪ ٿيو ته انهيءَ گاڏي ۾ خديجا شاهه سوار آهي. جنهن جو پيڇو ڪندي پوليس جڏهن گاڏي کي روڪيو ته گاڏي منجهان خديجا جو پيءُ سلمان شاهه ۽ سهرو سرمد امين ظاهر ٿيا. پوليس کين کي گرفتار ڪري سي سي پي لاهور وٺي آئي ۽ سرمد امين کي چيو ته جيڪڏهن خديجا شاهه کي پيش نه ڪيو ويو ته تنهنجي پٽ جهانزيب جا پراڻا سمورا ڪيس کولي ڪيس کي ڊگهي سزا ڏياري ويندي. جتي هڪ تمام وڏي صحافي ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين نجم سيٺي جي انٽري ٿي جنهن ٻنهي ڌرين کان گارنٽي ورتي ته هڪ ڌر خديجا کي پيش ڪندي ۽ ٻئي ڌر يعني پوليس خديجا شاهه تي تشدد نه ڪندي. بلڪ صبح جو ڪيس کي صحيح سلامت عدالت ۾ پيش ڪندي تڏهن وڃي خديجا شاهه جي گرفتاري عمل ۾ آئي.

سياسي ورڪرو! هن سموري ڪهاڻي ۾ اسان سڀني کي هن ڳالهه تي خاص غور ويچار ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي ته اسان جي ملڪ جي ايليٽ صرف ڏيکاءَ جي طور تي هڪ ٻئي جي سياسي مخالف آهي. جڏهن ته پڙدي پٺيان اهي سڀ هڪ ئي آهن. عمران خان، جهانگير ترين، عون چوڌري، شجاعت، شهباز شريف جي وچ ۾ ڪا به دشمني ناهي ۽ جيڪڏهن اهي سلمان شاهه جي ڌيءَ کي گرفتاري کان بچائڻ جي لاءِ هڪ ٿي آهن ته ٻين مفادن جي لاءِ ڪيئن پاڻ ۾ گڏ نه ٿيندا. اڃا به وقت ناهي ويو ته انهن سانڍي جهڙي صفت رکندڙ سياستدانن کي سمجهو ۽ انهن جي چڪرن ۾ ڦاسي پنهنجو پاڻ کي تباهه ۽ برباد نه ڪيو ڇاڪاڻ ته اهي سمورا سياستدان جيڪي بظاهر عوام کي پنهنجو ڪرڻ جي لاءِ هڪ ٻئي جي خلاف بيان بازي ڪن ٿا. ليڪن اهي هڪ ئي زنجير جي ڪڙي آهن ۽ جنهن به ڪڙي کي جڏهن نقصان پهچڻ جو ڪين کي انديشو ٿيندو ته سموريون سياسي مخالفتون وساري هڪ ٿي وڃن ٿا. جڏهن ته ورڪر دربدر ۽ جيلن جي سيخن پٺيان زندگي گهارڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. جتي سندن جي ڪو به سار سنڀال لهڻ وارو ناهي هوندو:::

بقايا *** 01

مُلڪ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ پي ٽي آءِ اڳواڻن جا نالا ايف آءِ اي جي پروونشل نيشنل آئيڊينٽيفڪيشن لسٽ (پي اين آءِ ايل) ۾ وڌا ويا آهن ذريعن موجب، عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي جو نالو به نو فلائي لسٽ ۾ شامل ڪيا ويو آهي. ان ڪانسواءِ مراد سعيد، مليڪا بخاري، فواد چوڌري، حماد اظهر، قاسم سوري، اسد قيصر، ياسمين راشد ۽ ميان اسلم اقبال جا نالا به نو فلائي لسٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته گذريل ٽن ڏينهن دوران ڪجهه عهديدارن پرڏيهه وڃڻ جي ڪوشش به ڪئي. ٻاهرين مُلڪ وڃڻ جي ڪوشش ڪندڙن ۾ پي ٽي آءِ ميمبرن ۽ عهديدارن کي هوائي اڏن تي روڪيو ويو. جاتايل اڳواڻن کي ٻاهرين مُلڪ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ نالا پوليس، سي ٽي ڊي ۽ ڳجهن ادارن ڏانهن اماڻيا ويا هئا.

بقايا *** 02

استعدا ڪئي عابد زبيري آئيني درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ته قرار ڏنو وڃي ته ڪنهن به شهري جي جاسوسي يا فون ٽيپنگ نٿي ڪري سگهجي. واضح رهي ته آڊيو ليڪس ڪميشن مبينا آڊيوز ليڪ سان جڙيل چئن شخصيتن عابد زبيري، خواجا طارق رحيم ايڊووڪيٽ، صحافي عبدالقيوم صديقي ۽ اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي پٽ نجم ثاقب کي 27 هين مئي تي طلب ڪيو آهي.

بقايا *** 03

خلاف آواز اٿاريو. هن چيو ته پارٽي جو منصب جو رويو پيشوارانو نه هو. ڪانفرنس ۾ ميزبان طرفان اٿاريل ڪجهه معاملن جو مون جواب ڏنو. ايس سي او اجلاس ۾ سمورين سياسي پارٽين جي مشاورت سان شرڪت ڪئي. مان ڪو به پليٽ فارم ڇڏڻ جو حامي نه آهيان. بلاول چيو ته ايس سي او اجلاس ۾ شرڪت ڏاڍو ڏکيو فيصلو هو. پهريان جڏهن معلوم ٿيو ته ايس سي او اجلاس ڀارت ۾ ٿي رهيو آهي ته ڪافي دلچسپي نه هئي. اسان پرڏيهي آفيس مان ان معاملي تي مشاورت ڪئي. پرڏيهي وزير چيو ته ميزبان مُلڪ جو مقصد هو ته ايس سي او پليٽ فارم کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪجي. نالو نه کڻڻ ڪانسواءِ اسان جي ميزبان ڪجهه مسئلن جو ذڪر ڪيو هو. اسان به پاڪستان جو موقف پيش ڪيو. ڀارت جي بيانئي جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ جو مقصد اهو هو ته ڪين ٻڌايان ته مان شهيد جو پٽ آهيان. اصولي طور چاهيون ٿا ته دهشتگردي جي خاتمي جو حل تلاش ڪجي. هن چيو ته بدقسمتي ڀارت وڃڻ بعد اسان جي ميزبان پاڪستان بابت انتهائي غلط ٻولي استعمال ڪئي. بلاول ٻڌايو ته شنگهائي سهڪاري تنظيم جي سربراهي اجلاس بابت فلحال فيصلو ناهي ڪيو ويو. پاڪستان فيصلو ڪندو ته سربراهي اجلاس ۾ ڪهڙي حساب سان شرڪت ڪرڻي آهي. ان کان اڳ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو هوائي فوج جي ميڊيڪل ڪاليج جي ڪانووڪيشن ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ هو ته پاس ٿيندڙ سمورن شاگردن کي واڌايون ڏنيون. سندس چوڻ هو ته شاگرد معاشري جي بهتري لاءِ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. هر ايندڙ ڏکيائي اوهان کي وڌيڪ مضبوط ڪندي هن جو چوڻ هو ته دنيا هن وقت چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي. سندن پرڏيهي پاليسي بهتري طرف وڌي رهي آهي. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته دنيا هن وقت موسمياتي تبديلين کي منهن ڏئي رهي آهي. موسمياتي تبديلين سبب ٿيندڙ نقصان تي دنيا پاڪستان سان گڏ آهي. هن چيو ته ڏکي وقت ۾ دنيا جو پاڪستان سان گڏ بيهڻ دشمن کي منهن ٽوڙ جواب آهي. مختلف ملڪ چئلينجن کي منهن ڏئي رهيا آهن. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته گهٽ وسيلن سان اسپتالون شاهي عوام جي خدمت ڪئي پئي وڃي. گمس ۽ جناح اسپتال سميت ٻين اسپتالن ۾ جديد ترين سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن.

بقايا *** 04

لاءِ يوم تڪريم شهداءِ پاڪستان ملهائي رهيا آهن. ڊاڪٽر عارف علوي چيو ته پاڪ فوج، رينجرز، ايئر فورس، نيوي، پوليس ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن سميت هٿياربند فوجن جي جوانن ۽ آفيسرن پنهنجي بهادري ۽ قربانين جي ڪري پاڪستان جي دفاع کي ناقابل تسخير بڻايو هن چيو ته پوري قوم کي پنهنجي بهادر شهيدن تي فخر آهي ڇاڪاڻ ته هنن هر ڏکي وقت ۾ حب الوطني ۽ بهادري جو مثالي ڪم ڪيو. سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي لعنت کي ختم ڪيو جڏهن ته هر قدرتي آفت ۾ به پنهنجي قوم سان گڏ بيٺل رهي. هن چيو ته پاڪستان جي صدر جي حيثيت سان هو شهيدن جي خاندانن سان باقاعده رابطو ڪري خراج عقيدت پيش ڪندو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اڄ پاڪستان مختلف چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي. انهن چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي پنهنجي صفن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. اچ اهو عهد ڪن ٿا ته پنهنجي بهادر شهيدن کي ڪڏهن به وساريندا ۽ هميشه سندن احترام ڪندا رهندا.

بقايا *** 05

وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، خاص مددگار، صوبائي صلاحڪارن، چيف سيڪريٽري ۽ ٻين شرڪت ڪئي. وڏي وزير جي ترجمان موجب، اجلاس ۾ 25 نقاطي ايجنڊا تي غور ڪيو ويو جنهن ۾ اهم نقطا گجر نالي، محمود آباد نالي ۽ اورنگي نالي جي متاثرن جي بحالي شامل هئا. وڏي وزير جي ترجمان چيو ته برساتي ٻوڏ متاثرن لاءِ گهرن جي اڏاوت جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته ٿر ۾ 400 ميگاواٽ ونڊ ۽ سولر پاور پلانٽس لڳائڻ لاءِ زمين جو پٽو لڳائڻ شامل هو ان موقعي تي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت ٺاهڻ ۽ برسات متاثرن جي بحالي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. سنڌ سرڪار طرفان غربت جي خاتمي لاءِ خاص قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا *** 06

پيش ڪئي ۽ سندن وارثن سان ايڪي جو اظهار ڪيو. عمران خان جون سڀ سازشون هاڻي ناڪام ٿي چڪيون آهن عمران خان جو هدف سوچيل سمجهيل هو ۽ اڳواٽ طئي ٿيل هو جنهن مطابق هو ڪم ڪندو رهيو ذريعن جو چوڻ آهي ته فوج ۾، سوشل ميڊيا ۾ ۽ عدالت ۾ به سندس سهولتڪار هئا ۽ اهوئي سبب آهي جو جڏهن عمران خان خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ آيو ته ڪيس لڳو ته بغاوت ڪامياب ٿي وئي آهي ۽ هن آرمي چيف جو نالو ورتو انهن سڀني معاملن جي به جاچ ٿي رهي آهي. ذريعن جي دعويٰ آهي ته جنهن پوليس آفيسر جي موبائيل فون تان عمران خان رابطا ڪيا اهو گرفتار ڪيل آهي ۽ موبائيل فون فوج جي تحويل ۾ آهي. هڪ ٻئي ڪردار بابت به جاچ هلي رهي آهي جنهن ۾ هڪ عورت جو مک ڪردار آهي اها عورت هر پيشي تي عمران خان سان رابطي ۾ رهي آهي. چيو پيو وڃي ته عمران خان جي اها پلاننگ مارچ ۾ ٿي هئي ۽ فياض چوهان جي بيان کي هلڪو نه سمجهجي، اهو ئي عمران خان خلاف وڏي شاهدي هوندو.

بقايا *** 07

پارٽي عهدن تان استعيفيٰ جو اعلان ڪندي چيو ته چاهيان ٿي ته هاڻي پنهنجي خاندان سان گڏ وقت گذاريان.

بقايا *** 08

فيول ايڊجسٽمينٽ جي تحت بجلي في يونٽ 79 پئسا مهانگي ڪرڻ جو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو آهي. نيپرا جي فيصلي موجب، واهپيدارن کي مئي جي بجلي بلن ۾ واڌو ادائيگيون ڪرڻيون پونديون. اضافي اگهه لائف لائين ۽ ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي لاڳو نه هوندا.

بقايا *** 09

هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ايندڙ مالي سال جي دوران عوام کي وڌيڪ سفري سهولتن جي فراهمي جي لاءِ 25 ارب رپين جي لاڳت سان 500 نيون بسون خريد ڪري پيپلز بس سروس ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت، سي اي او ٽرانسڪراچي طفيل پليجو، پي ڊي پيلو لائين امير اويسي، جي ايم ريڊ لائن پير سجاد، پي ڊي بي آر ٽي صهيب پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ٽرانسپورٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ حيدرآباد ۾ هٽڙي کان ڪيسائي موري تائين پيپلز بس سروس جو نئون روٽ شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن هدايت ڪئي ته هٽڙي کان ڪيسائي موري تائين نئين روٽ جي ٽرائل ڏينهن اندر شروع ڪئي وڃي. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته نئون روٽ شروع ٿيڻ سان عوام کي سستي ۽ آرامده سفري سهولتون فراهم ٿينديون. ٽرانسپورٽ واري وزير پيپلز بس سروس جون سموريون بسون ڪراچي شهر ۾ روڊن تي آڻڻ جي هدايت ڪندي چيو ته عوام جي سهولت لاءِ بيڪ اپ ۾ بيٺل بسن کي به فوري طور تي چالو ڪيو وڃي. هن چيو ته سنڌ حڪومت کي 15 جون تائين 20 وڌيڪ بسون فراهم ڪيون وينديون ۽ انهن کي به پيپلز بس سروس ۾ شامل ڪيو ويندو ته جيئن عوام کي سفري سهولتون فراهم ڪيون وڃن. شرجيل انعام ميمڻ هدايتون جاري ڪيون ته ڪٿي به بس جي اوورلپينگ نه ٿيڻ گهرجي. پيپلز بس سروس جون سموريون بسون روڊن تي هجڻ گهرجن. گهٽي گهٽي ۾ پيپلز بس سروس جون بسون عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ اورينج لائين، گرين لائين ۽ ريڊ لائن بسن کي گنڍڻ لاءِ، فوري پلاننگ ۽ عملدرآمد جون هدايتون ڏنيون هن چيو ته ايندڙ مالي سال دوران 500 بسون خريد ڪيون وينديون. ٽرانسپورٽ واري وزارت ان حوالي سان پروپوزل تيار ڪري. هن چيو ته عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران اليڪٽرڪ ٽيڪسي سروس شروع ڪئي ويندي. ڪراچي ۾ شروعاتي طور تي 200 اليڪٽرڪ ٽيڪسيون هلايون وينديون. 50 گلابي ٽئڪسيون عورتن لاءِ مخصوص هونديون. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عورتن لاءِ مخصوص ڪيل گلابي ٽيڪسين لاءِ عورت ڊرائيورن کي پرتيڪيو ويندو. اليڪٽرڪ ٽيڪسي عوام کي سستي سفري سهولت فراهم ڪندي. هن چيو ته SMTA تحت شروع ٿيندڙ اليڪٽرڪ ٽيڪسي سروس بيروزگار نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪندي. ماحول دوست ٽيڪسي هلائڻ سان اربين رپين جي تيل جي بچت ٿيندي. عوام ۽ حڪومتپنهنجي کي فائدو ٿيندو هن چيو ته شهر ۾ مختلف هنڌن تي اليڪٽرڪ ٽيڪسين لاءِ چارجنگ ۽ پارڪنگ پوائنٽ ٺهرايا ويندا اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت جي سي يونيورسٽي حيدرآباد جي استادن ۽ شاگردن جي سهولت لاءِ ٻهپيرا پيپلز بس سروس هلائڻ جي تجويز ڏني. جنهن تي ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ پلاننگ جون هدايتون جاري ڪيون.

بقايا *** 10

عدالتن ۾ ڪيس هلايا پيا وڃن عمران خان چيو ته پي ڊي ايم ۾ شامل پارٽيون ۽ صحافي جيڪي آواز ناهن اٿاري رهيا اهي ياد رکن ته هي تحريڪ انصاف کي ته پيو ٽوڙيو وڃي پر اهو اسان جي جمهوريت ۽ آزادي تي راتاهو هنيو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته مخالفن جون غلام بڻائڻ واريون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي وينديون چو جو مُلڪ جو باشعور نوجوان مون سان گڏ آهي.

بقايا *** 11

ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، شهيدن جي عظمت جي ڏهاڙي جي حوالي سان آرمي چيف جنرل عاصم منير پوليس لائين اسلام آباد جو دورو ڪيو. هن اسلام آباد پوليس جي آفيسرن، جوانن، پوليس جي شهيدن پونئرن کي خطاب ڪيو آءِ ايس پي آر موجب، پنهنجي خطاب ۾ آرمي چيف چيو ته شهيدن جي يادگارن جي بي حرمتي ۽ سندن وقار کي مجروح ڪندڙن کي نه قوم معاف ڪندي نه ئي وساريندي. آرمي چيف چيو اهڙي عمل کي برداشت نه ڪيو ويندو. فوج، پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا رياست جي علامت آهن. آرمي چيف وڌيڪ چيو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ملڪ جي وقار خاطر ڪنهن به قسم جي قرباني ڏيڻ کان نه ڪيٻائيندا. پاڪستاني قوم شهيدن، سندن قابل احترام خاندانن ۽ فوج سان گڏ آهي ۽ رهندي.

بقايا *** 12

آهي. شهيدن جي ڏهاڙي جي موقعي تي وڊيو پيغام ۾ بلاول ڀٽو چيو ته هر محب وطن پاڪستاني پنهنجو فرض سمجهي ٿو ته پنهنجي ڌرتي جي محبت ۾ شهيد ٿيندڙن سان محبت ڪري. هن چيو ته جيڪي قومون پنهنجن شهيدن کي وساري ويهن ٿيون انهن جو تاريخ ۾ نالو وٺڻ وارو ڪو به ناهي. اسان سڀني شهيدن جي رت جا قرضدار آهيون. بلاول ڀٽو چيو ته اچو ته گڏجي پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي جو عزم ڪريون. نفرتن جي سمورن ديوارن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيندا سين ۽ ملڪ جي سمورن شهيدن جي قربانين کي نه رڳو ياد رکيو ويندو پر انهن تي ڪڏهن به باهه ٻارڻ نه ڏينداسين.

بقايا *** 13

بابت قانون ناهڻ جي ضرورت آهي چو ته اهو صرف سنڌ ۾ نه پر سڄي ملڪ ۾ آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ مقامي هوٽل ۾ ڪوٺايل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. صوبائي وزير چيو ته چائلڊ ليبر، جبري پورهيو ۽ انساني اسمگلنگ ناقابل معافي جرم آهن ۽ سماج کي بدنام ڪن ٿا. ان لاءِ ضروري آهي ته سخت قانون سازي ڪئي وڃي. سماج ۾ ٻارن تي تشدد جي واقعن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو اچي رهيو آهي. جنهن جو ازالو ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. جنهن لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. اها فقط حڪومت جي ئي ذميواري ناهي هر شخص جي ذميواري آهي. اها ذميواري ان سلسلي ۾ ڪم ڪندڙ غير سرڪاري سماجي تنظيمن تي به عائد ٿئي ٿي. ان موقعي تي ناصر شاهه ان سلسلي ۾ سسٽينبل سوشل ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي قدمن جي واکاڻ ڪندي چيو ته ايس ايس ڊي ۽ انهن جي تجويزن کي نظر ۾ رکندي ايندڙ بجيٽ ۾ انهن تجويزن تي غور ڪنداسين. هن چيو ته ٻارن سان زيادتيون سماج لاءِ هڪ لعنت آهي ۽ شرم ۽ بدنامي جو سبب آهي. صوبائي وزير چيو ته انساني اسمگلنگ بابت قانون سازي ۾ ذميواري وفاقي حڪومت تي عائد ٿئي ٿي. ان موقعي تي ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا *** 14

ملتان ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي راڻو ياسر جو چوڻ هو ته اڄ مُلڪ ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي ان جو ذميوار عمران خان آهي. راڻو انوار وڌيڪ چيو ته عمران خان جي آڪڙ انا ۽ يوٽرن مُلڪ کي ان حالتن تي پهچايو آهي. راڻو ياسر چيو ته سندس پارٽي ڇڏڻ جو مقصد پي ٽي آءِ جي نوجوانن کي منزل تائين پهچائڻ آهي. ياد رهي ته راڻو ياسر هلندڙ هفتي نو مئي واقعن جي مذمت ڪندي تحريڪ انصاف کان رستا ڌار ڪري ڇڏيا هئا.

بقايا *** 15

شجاعت ۽ چوڌري سرور سان گڏ پريس ڪانفرنس دوران پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو هن چيو ته پاڪستان اسلام جو قلعو آهي ۽ ان قلعي جي محافظ فوج آهي. پاڪستان جو هر هڪ شهري پاڪ فوج جو سپاهي آهي. ياد رهي ته عائشه گلالئي به هزار سترنهن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف کان ڌار ٿي وئي هئي ۽ هن پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان مٿان الزام مڙهيا هئا. هن پي ٽي آءِ گلالئي نالي سان هڪ سياسي جماعت پڻ ناهي هئي.

بقايا *** 16

فنانس بئنڪ لميٽيڊ جي سهڪار سان چيڪ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته سنڌ حڪومت سنڌ مائيڪرو فنانس بئنڪ لميٽيڊ جي سهڪار سان ان منصوبي تي عمل ڪري رهي آهي جنهن جو مقصد سان صوبي جي عورتن کي ننڍن ڪاروبارن ۾ مالي مدد فراهم ڪئي ويندي. هن چيو ته صوبي جي عورتن کي ننڍن قرضن جي فراهمي سان انهن کي بااختيار بڻائڻ ۾ مدد ملندي ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙ پورهيت عورتون پنهنجو ڪاروبار هلائي سگهن ٿيون. هن چيو ته صوبي جي عورتن کي مائيڪرو فنانس قرضن جي فراهمي جي هن منصوبي کي سڄي سنڌ ۾ وڌايو پيو وڃي ته جيئن سڄي صوبي ۾ عورتن جي ڀلائي لاءِ قدمن تي عمل ڪري سگهجي. هن چيو ته مائيڪرو فنانس قرض عورتن کي بنا ڪنهن فرق جي ڏنو ويندو ۽ اهو عمل رنگ، نسل، نسل ۽ علائقي جي تفريق کان بالاتر هوندو. هن چيو ته ننڍڙن قرضن جي سهولت سان عورتون پنهنجو ڪاروبار شروع ڪري سگهنديون جهڙوڪ ڪپڙا سلائي ڪرڻ، ڪپڙن تي ڪڙهائي، چوپايو مال پالڻ، گهريلو دڪان ۽ اهي قرض آسان شرطن تي فراهم ڪيا ويندا. ان موقعي تي سنڌ مائيڪرو فنانس بئنڪ لميٽيڊ جو صدر شعيب عارف، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ياسر ڀٽي ۽ ٻيا مقامي معززين موجود هئا. ان موقعي تي مستحق عورتن ۾ مائيڪرو فنانس امدادي قرض جا چيڪ ورهايا ويا. ان کان پوءِ سنڌ جي وڏي وزير جي سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ يونٽ بابت خصوصي معاون سيد قاسم نويد قمر ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب پهتو ۽ پريس ڪلب جي چونڊيل نمائندن سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته عمران خان جي نفرت ۽ انتشار جي سياست ملڪ کي معاشي بحران ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. هن چيو ته ايندڙ عام چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جا نمائندا پوري ملڪ مان وڏي ڪاميابي حاصل ڪندا. انشاءالله.

بقايا *** 17

ڪئي . گر ٿيل عبادالحسن جي گهروارن جو چوڻ آهي پوليس سهڪار نٿي ڪري ٻڌايو ڪجهه وڃن ٿو پر ٿي ڪجهه نٿو .عدالت جو پوليس جاچ تي بي اطميناني جو اظهار ڪندي ايس ايس پي سينٽرل تي ايندڙ ٻڌڻي تي طلب ڪري ورتو آهي .چيف سيڪريٽري سنڌ، آءِ جي سنڌ سميت ٻين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا *** 18

صوبائي وزير سيده شهلا رضا دوري دوران سي ايس ايس ڪارنر تي مفت تربيت حاصل ڪندڙ شاگردن سان ملاقات ڪئي ۽ انهن جي امتحانن ۾ ڪاميابي لاءِ دعا ڪئي ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ضلعي سينٽرل طحه سليم، اسسٽنٽ ڪمشنر گلبرگ ٽائون سيده نيها شاهه، وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ سنڌ جو ڊائريڪٽر محمد علي شيخ ۽ سي ايس ايس ڪارنر جا لاڳاپيل آفيسر ۽ استاد پڻ موجود هئا. شاگردن سان ڳالهائيندي شهلا رضا چيو ته هر سال هزارين شاگرد سي ايس ايس جي امتحان ۾ حصو وٺندا آهن. جن مان صرف درجن کن انتهائي قابليت وارا ماڻهو ڪامياب ٿيندا آهن ۽ منهنجي خواهش آهي ته هن اداري مان تربيت حاصل ڪندڙ شاگردن جا نالا سامهون اچن. هن چيو ته مايوسي ڪفر آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن ڪنهن به سبب ڪا پوئتي رهجي وڃو ته مايوس ٿيڻ بدران سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحانن ۾ حصو وٺو ۽ اتان ڪاميابي حاصل ڪري صوبي جي مختلف کاتن ۾ خدمتون سرانجام ڏيو هن ضلعي سينٽرل جي شاگردن جي خدمت لاءِ مفت بهترين انتظامن تي ضلعي انتظاميه کي ساراهيو ۽ مبارڪباد ڏني. بعد ۾ شاگردن صوبائي وزير سيده شهلا رضا سان گڏ گروپ فوٽو پڻ ورتو.

بقايا *** 19

بن سوزوڪي پڪ اپ کي روڪي تلاشي ورتي ته انهن ۾ مرغي پريل هئا. پوليس گاڏين ۾ سوار ٽن جوابدارن حسنين، جاويد ۽ فاروق کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته جوابدار جو هڪ ساٿي عمران عرف منا فرار ٿي ويو. جوابدارن انڪشاف ڪيو ته هو لئي جي مختلف پولٽري فارمن مان مئل مرغي گڏ ڪري ڪورنگي، لانڍي، گلشن حديد جي مختلف هوٽلن، ريسٽورنٽ ۽ مارٽن ۾ فراهم ڪندا هئا. پوليس موجب ڪورنگي جي علائقي جي گينگ وار جي سربراهه ڪامران ملڪ جي گرفتاري لاءِ جوابدار جي گهر تي ڇاپو هنيو پر هو فرار ٿي ويو. پوليس جو چوڻ آهي ته برآمد ڪيل مرغي جو وزن 2 هزار ڪلوگرام کان وڌيڪ آهي. جڏهن ته جوابدار گرفتاري کان اڳ 750 ڪلو مئل مرغي فراهم ڪيا هئا. جوابدارن اعتراف ڪيو آهي ته هو روزانو 20 کان وڌيڪ هنڌن تي مئل مرغي فراهم ڪندا هئا.

بقايا *** 20

بڻائڻ واري ڪيس ۾ فيصلو جاري ڪندي چيو آهي ته لينڊ ڊائون پل ۽ سکر پل کي ثقافتي ورثو قرار ڏئي هڪ مهيني اندر نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي ۽ تاريخي عمارتن کي محفوظ ۽ سنڀاليو وڃي. جڏهن ته تاريخي ماڳن تي انفارميشن ڊيسڪ قائم ڪرڻ جو پڻ حڪم ڏنو ويو آهي. عدالت چيو آهي ته سائنسي تحقيق لاءِ ليبارٽري ۽ آثار قديمه جي دريافتن لاءِ ليبارٽري قائم ڪئي وڃي. قومي ۽ مقامي سياحت ۽ ثقافت کي فروغ ڏنو وڃي. عدالت چيو ته تاريخي جڳهن تي سياحتي گائيڊ مقرر ڪيا وڃن جيڪي تاريخي جڳهن تي ايندڙ سياحن جي تاريخ ٻڌائي سگهن. اسڪول ۽ ڪاليج جي ٻارڙن کي تاريخي ماڳن جي وزٽ ڪرائي وڃي ۽ تاريخي پلن بابت ٻڌايو وڃي. سکر ٻڌاڄ لينس ڊائون پل کي اسڪول جي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي. عدالت انسپيڪشن ٽيم جي ميمبر کي هدايت ڪئي ته عدالتي فيصلي جو سنڌي ۽ اردو ۾ ترجمو ڪرايو وڃي ۽ تعليم وارو سيڪريٽري ماهر انجنيئرن، آرڪيالاجسٽ ۽ تعليمي ماهرن تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙي، ڪميٽي ان حوالي سان هڪ جامع وصف تيار ڪندي ۽ ان کي نصاب ۾ شامل ڪندي. جڏهن ته تعليمي سال 2023 ۽ 2024 ۾ تاريخي ماڳن تي نصاب شامل ڪيو وڃي. عدالت تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن جي تحفظ بابت بن درخواستن کي اڪلائي ڇڏيو.

بقايا *** 21

ڪارڪنن کي سنڌ حڪومت ايم پي او جي تحت گرفتار ڪري رکيو آهي.

بقايا *** 22

باهه ۾ پيچ ڏاهه ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. جنهن ۾ ڪمانڊنگ آفيسر آرمي ايڪٽ تحت ٽرائل لاءِ 16 شرپسندن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو عدالت ڪمانڊنگ آفيسر جي اپيل تي ٻهريون فيصلو محفوظ ڪيو جيڪو ڪجهه دير کانپوءِ ٻڌو ۽ ڪمانڊنگ آفيسر جي درخواست منظور ڪري ورتي. عدالت اڳوڻي ايم پي اي ميان اڪرم عثمان سميت 16 جوابدارن کي ڪمانڊنگ آفيسر حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. لاهور جي دهشتگردي توڙ عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي ته ايس پي ڪيمپ جيل 16 جوابدارن کي وڌيڪ ڪارروائي لاءِ ڪمانڊنگ آفيسرن جي حوالي ڪري. ڪمانڊنگ آفيسر موجب جوابدارن تي آفيشل ايڪٽ تحت ڏوهه ثابت ٿيا آهن عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته ڪمانڊنگ آفيسر موجب جوابدارن خلاف آرمي ايڪٽ تحت ڪيس هلي سگهي ٿو ۽ هاڻي جوابدارن خلاف وڌيڪ ڪارروائي آرمي ايڪٽ 1952ع تحت ٿيندي.

بقايا *** 23

ڊي ايڇ اي فيز 8 جي ٽريٽمينٽ پلانٽ جو وزٽ ڪيو. شفقت انجارج جي موجودگي ۾ تموتارتا ويا. جيڪي ادارن وٺڻ جڳهه موجود آهي هو سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ لڳي. رپورٽ ۾ جيئو ويو آهي ته ڊي ايڇ اي پنهنجا وڌيڪ 3 سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ تي ڪم مڪمل ڪيو آهي. ڊي ايڇ اي واٽر ڪميشن کي وڌيڪ 3 پلانٽ لڳائڻ جي خاطري ڪرائي هئي. رپورٽ ۾ چيو ويو ته انڊسٽريل ايسوسي ايشن ۽ انڊسٽريل ڊيپارٽمينٽ ملي ڪري صنعتي گندگي جي لاءِ ٽريٽمينٽ پلانٽ لڳي. درخواستگذار ورلڊوائڊلڊ فنڊ فارنيچر پاران سپيا جي رپورٽ جو جائزو وٺڻ جي لاءِ مهلت طلب ڪري ورتي آهي. عدالت مهلت ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي 16 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 24

جي موقعي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ مريم نواز چيو ته شهيدن جو رت ڪنهن فرد جو نه قوم جو قرض هوندو آهي. مريم نواز چيو ته شهيدن جو رت ملڪ فخر ۽ مٽي جي امانت هوندو آهي. پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته ٽڪ آهي سياستدان جي ريس ۾ لڪل غدارن تي. پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي مريم نواز چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين ذهني مريض آهي، عمران خان جا پنهنجا ڏوهه ۽ زيادتيون سندس پيڇو ڪري رهيون آهن.

بقايا *** 25

۾ خميسڏينهن آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ هڪ تعزيتي ريفرنس منعقد ڪيو ويو ريفرنس مرحوم عمران عطا سومرو جي دوستن پاران آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي سهڪار سان منعقد ڪيو ويو هو عمران عطا سومرو جو شمار سنڌ حڪومت جي قابل، ذهين ۽ تجربيڪار آفيسرن ۾ ٿيندو هو هن پنهنجي ڪم ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ پنهنجي بهترين اخلاق جي ڪري پنهنجي ساٿي آفيسرن ۽ ماتحتن ۾ تمام گهڻو پسند ڪيو ويندو هو عمران عطا سومرو سنڌ جي مختلف کاتن ۾ سيڪريٽري طور خدمتون سرانجام ڏئي چڪو هو ۽ سندس وفات وقت ڪيس 21 گريڊ ۾ ترقي ڏني وئي هئي ۽ هو سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز سنڌ طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو تعزيتي ريفرنس جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي. تعزيتي ريفرنس کي خطاب ڪندي سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت چيو ته دنيا ۾ اسان پنهنجي رويي جي لحاظ کان جيڪو ڪجهه بوئيندا ڇڏي وڃون ٿا اهو ئي ماڻهو ياد ڪن ٿا. هن چيو ته عمران عطا سومرو ڪڏهن به ڪنهن کي انڪار نه ڪندو هو هو سڀني جيڪو ايندو هو، سڀني جي ڏکئي وقت ۾ مدد ڪندڙ هو اهوئي سبب آهي جو اڄ اسين سڀ ڪيس پيار سان ياد ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته هن دنيا مان هر ڪنهن کي وڃڻو آهي، پر ماڻهو هميشه انهن کي ياد ڪندا آهن جن جو ڪردار سٺو هوندو آهي تعزيتي ريفرنس کي خطاب ڪندي سنڌ جي توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ چيو ته عمران عطا سومرو ۽ اسان جو تعلق شڪارپور جي هڪ ئي علائقي سان آهي. سندس والد ۽ منهنجو پيءُ ٻئي وڪيل هئا. هن چيو ته اسان عوامي ماڻهو آهيون، ماڻهو پنهنجا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ايندا آهن. جڏهن به مون ڪانئن ڪجهه ڪرڻ لاءِ چيو ته انهن هاڪاري جواب ڏنو. هن چيو ته سنڌ حڪومت طرفان عمران عطا سومرو جي خاندان کي هر ممڪن سهڪار جو يقين ڏياريان ٿي هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه به عمران صاحب جي خاندان کي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو آهي. تعزيتي ريفرنس ۾ آرٽس ڪائونسل جي صدر احمد شاهه، سلميٰ ميمڻ، سيڪريٽري مائنز اينڊ منرل خالد چاچڙ، سنڌ جي اطلاعات واري سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ، ڊاڪٽر شفقت سومرو، ڪمشنر مردم شماري رفيق برڙو، جوائنٽ ڊائريڪٽر آءِ بي آزاد خان، سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ڊاڪٽر شيرين مصطفيٰ، آبپاشي سيڪريٽري سهيل سومرو، زراعت واري سيڪريٽري اعجاز مهيسر، ماهر تعليم حميد سومرو، عمران عطا سومرو جي ڌيءَ منال عطا سومرو، ڊاڪٽر ايوب شيخ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ان موقعي تي سنڌ حڪومت جي مختلف کاتن جا سيڪريٽري، آفيسر ۽ ٻيا عملدار پڻ وڏي انگ ۾ موجود هئا.

بقايا *** 26

۾ ورلڊ بئنڪ اسلام آباد ۽ ڪراچي آفيس مئنيجمينٽ جي ٽيڪنيڪل اسٽاف جي ٽيم اربع واري ڏينهن تي سنڌ جي شهرن لاڙڪاڻي ۽ قمبرشهدادڪوٽ جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ عوام سان ملاقاتون ڪيون. ان موقعي تي ورلڊ بئنڪ ترجمان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته لاڙڪاڻي ۾ ٽراما ۽ رسپونس سينٽر تيار ڪري صحت کاتي جي حوالي ڪيو ويو آهي جنهن ۾ جلد طور تي سينٽر ۾ مشتمل تقريبن 50 بيڊ موجود آهن آن طرح جا سينٽر ڪراچي، حيدر آباد ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ صرف 6 مهينن تيار ڪيا ويا آهن جنهن سان لوڪل ڪميونٽي کي ڪافي فائدو حاصل ٿيندو ٻئي تازي ٻوڏ سبب متاثر ٿيل علائقن ۾ پڻ دورو ڪري تباهه ٿيل انفرا اسٽرڪچر ۽ پيئڻ جي پاڻي وارين اسڪيمن جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ورلڊ بئنڪ جي ٽيم کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ بگٽي لشڪري ۾ واٽر سپلائي اسڪيم ناهي ويندي جنهن سان ٽن ڳوٺن کي صاف پاڻي جي سپلائي ڪئي ويندي جڏهن ته لاشار خان واٽر سپلائي اسڪيم کي سولر پلانٽ تي منتقل ڪيو ويندو ان کان علاوا اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڳوٺ نئون ديرو ۾ هڪ روڊ، بختاور گورنمينٽ اسڪول ۽ ڪاليج، ڳوٺ ملوڪ ڪرائي کان عاقل تائين هڪ روڊ پڻ ناهيو ويندو.

بقايا *** 27

سيٽ برقرار آهي. پارليامينٽ هائوس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سينيٽر عبدالقادر چيو ته هو جناح هائوس، ڪور ڪمانڊر هائوس ۽ آرمي تنصيب تي حملي جي مذمت ڪري ٿو هن وڌيڪ چيو ته اسان جا سپاهي قوم لاءِ جانيون قربان ڪن ٿا. پاڪ فوج ۽ سيڪيورٽي ادارن جي قربانين کي وساري نه ٿو سگهجي. مضبوط فوج ئي مضبوط ملڪ جي ضامن هوندي آهي. هن چيو ته سمورين پارٽين ڪرپشن، ورهاڱي ۽ تشدد جو رستو اختيار ڪيو آهي. ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ لاءِ سياستدان ڪردار ادا ڪن.

بقايا *** 28

پابندي هوندي. سعودي ميڊيا موجب پابندي فوري طور تي لاڳو ٿيندي جنهن جو اعلان حج ۽ عمره واري وزارت مائيڪرو بلاگنگ ويب سائيٽ تي ڪيو آهي پابنديون حاجين جي سفر کي آرامده ۽ محفوظ بڻائڻ لاءِ لاڳو ڪيون ويون آهن. حج ۽ عمره واري وزارت جي ظفر الرحمان هوائي سفر دوران بندش پيل شيون نه آڻڻ جي هدايت ڪندي چيو ته ڪنهن به قسم جي پريشاني کان بچڻ لاءِ انهن هدايتن تي عمل ڪيو وڃي.

بقايا *** 29

کان پوءِ، رپئي جي قدر بن ڏهاڪن ۾ سڀ کان وڏي گهٽتائي. ڊالر جي مقابلي ۾ 9.6 سيڪڙو يعني 25 رپيا في ڊالر جي سطح تي نظر آئي. جيڪا 255 رپيا تي بند ٿيڻ کانپوءِ، مارڪيٽ جي بنياد تي متا ستاجي شرح لاءِ IMF جي طلب کي پورو ڪرڻ جو مقصد هو رپورٽ موجب گذريل ڏينهن انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ رڳو 2 پئسا گهٽتائي ٿي هئي پر اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 312 رپين جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو هو ايڪسچينج ڪمپنيز ايسوسي ايشن آف پاڪستان ٻڌايو ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 309 روپيا تي بند ٿيو جڏهن ته اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جو چوڻ آهي ته انٽر بينڪ مارڪيٽ ۾ رپيو 287.13 پئسا تي بند ٿيو هن رپئي جي وڏي قدر ۾ گهٽتائي کي رد نه ڪيو ته جيئن انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ رپئي جو قدر اوپن مارڪيٽ جي ويجهو اچي. هن فرق جو هڪ وڏو سبب. هن وڌيڪ چيو ته درآمد ڪندڙن کي اجازت ڏني وئي آهي ته اهي درآمدات لاءِ ڊالر جو انتظام ڪن. گري مارڪيٽ کي همٿائي. ظفر پراچا چيو ته گري مارڪيٽ 320 کان 322 رپيا في ڊالر جي وچ ۾ پيش ڪري رهي آهي. مالياتي ماهرن ۽ تجزيه نگارن جو خيال آهي ته خراب سياسي صورتحال سبب آءِ ايم ايف پاڪستان کي قرض ڏيڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي. ميڊيا رپورٽون ٻڌائين ٿيون ته مالي سال 2023 ۾ معاشي ترقي منفي رهي سگهي ٿي، ملڪ لاءِ هڪ ڌڪ. جيڪو اڳ ۾ ئي ڊفالٽ خدشات کي منهن ڏئي رهيو آهي.

بقايا *** 30

ان حوالي سان نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي. يوٽيلٽي اسٽورز تي مختلف برانڊز جو گيهه ۽ ڪوڪنگ آئل سستو ٿي ويو. اگهن ۾ گهٽتائي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب يوٽيلٽي اسٽورن تي ڪوڪنگ آئل جي اگهه ۾ 76 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته يوٽيلٽي اسٽورن تي گيهه جي اگهه ۾ 69 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي. اگهن ۾ گهٽتائي 26 مئي کان لاڳو ٿيندي.

بقايا *** 31

هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ايندڙ مالي سال جي دوران عوام کي وڌيڪ سفري سهولتن جي فراهمي جي لاءِ 25 ارب رپين جي لاڳت سان 500 نيون بسون خريد ڪري پيپلز بس سروس ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت، سي اي او ٽرانسڪراچي طفيل پليجو، پي ڊي پيلو لائين امير اويسي، جي ايم ريڊ لائن پير سجاد، پي ڊي بي آر ٽي صهيب پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ٽرانسپورٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ حيدرآباد ۾ هٽڙي کان ڪيسائي موري تائين پيپلز بس سروس جو نئون روٽ شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن هدايت ڪئي ته هٽڙي کان ڪيسائي موري تائين نئين روٽ جي ٽرائل ڏينهن اندر شروع ڪئي وڃي. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته نئون روٽ شروع ٿيڻ سان عوام کي سستي ۽ آرامده سفري سهولتون فراهم ٿينديون. ٽرانسپورٽ واري وزير پيپلز بس سروس جون سموريون بسون ڪراچي شهر ۾ روڊن تي آڻڻ جي هدايت ڪندي چيو ته عوام جي سهولت لاءِ بيڪ اپ ۾ بيٺل بسن کي به فوري طور تي چالو ڪيو وڃي. هن چيو ته سنڌ حڪومت کي 15 جون تائين 20 وڌيڪ بسون فراهم ڪيون وينديون ۽ انهن کي به پيپلز بس سروس ۾ شامل ڪيو ويندو ته جيئن عوام کي سفري سهولتون فراهم ڪيون وڃن. شرجيل انعام ميمڻ هدايتون جاري ڪيون ته ڪٿي به بس جي اوورلپينگ نه ٿيڻ گهرجي. پيپلز بس سروس جون سموريون بسون روڊن تي هجڻ گهرجن. گهٽي گهٽي ۾ پيپلز بس سروس جون بسون عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ اورينج لائين، گرين لائين ۽ ريڊ لائن بسن کي گنڍڻ لاءِ، فوري پلاننگ ۽ عملدرآمد جون هدايتون ڏنيون هن چيو ته ايندڙ مالي سال دوران 500 بسون خريد ڪيون وينديون. ٽرانسپورٽ واري وزارت ان حوالي سان پروپوزل تيار ڪري. هن چيو ته عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران اليڪٽرڪ ٽيڪسي سروس شروع ڪئي ويندي. ڪراچي ۾ شروعاتي طور تي 200 اليڪٽرڪ ٽيڪسيون هلايون وينديون. 50 گلابي ٽئڪسيون عورتن لاءِ مخصوص هونديون. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عورتن لاءِ مخصوص ڪيل گلابي ٽيڪسين لاءِ عورت ڊرائيورن کي پرتيڪيو ويندو. اليڪٽرڪ ٽيڪسي عوام کي سستي سفري سهولت فراهم ڪندي. هن چيو ته SMTA تحت شروع ٿيندڙ اليڪٽرڪ ٽيڪسي سروس بيروزگار نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪندي. ماحول دوست ٽيڪسي هلائڻ سان اربين رپين جي تيل جي بچت ٿيندي. عوام ۽ حڪومتپنهنجي کي فائدو ٿيندو هن چيو ته شهر ۾ مختلف هنڌن تي اليڪٽرڪ ٽيڪسين لاءِ چارجنگ ۽ پارڪنگ پوائنٽ ٺهرايا ويندا اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت جي سي يونيورسٽي حيدرآباد جي استادن ۽ شاگردن جي سهولت لاءِ ٻهپيرا پيپلز بس سروس هلائڻ جي تجويز ڏني. جنهن تي ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ پلاننگ جون هدايتون جاري ڪيون.

بقايا سنڌيار 01

غلام مرتضيٰ سهتو ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي پروفيشنل پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي اڳواڻن سعود بوهيو، لالا موسيٰ خان، اشرف قريشي،جام بشارت سهتو ۽ ٻين چيو ته گذريل ڪجهه مهينن کان اسان جو سنڌ حڪومت کان هڪ ئي مطالبو هو ته سنڌ جي سموري ميڊيڪل اسٽاف کي بنيادي پگهارن جي برابر هيلٿ پروفيشنل الائونس ڏنو وڃي، جنهن تي هن بجيٽ ۾ مستقل ڪرڻ جو چيو ويو هو پر هن وقت تائين ان تي عمل نه ڪيو ويو آهي، جنهن سبب خدشو آهي ته وزارتي ڪميٽي ميڊيڪل اسٽاف کي نظرانداز ڪري رهي آهي، جنهن سبب اڄ ڪارو ڏينهن ملهايو پيو وڃي، جيستائين هيلٿ پروفيشنل الائونس نه ڏنو ويو ته سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 02

.اسسٽنٽ انجنيئر ريلوي ابوبڪر شرڪت ۽ايس ايڇ او ريلوي سکر الطاف حسين جي نگراني ۾ ريلوي پوليس سکر پوليس لائن هيڊڪوارٽر بنڌاڻي محله پرسان ريلوي جي زمين تي قائم ڪيل غير قانوني دڪانن تي قبضو مافيا خلاف ڪامياب ڪارروائي ڪري ورتي. ريلوي جي زمين تي ٺهيل دڪانن جي قيمت 32 لک 70 هزار رپيا ٻڌائي وئي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن

بقايا سنڌيار 03

يوسف منگي علا نواز سولنگ ۽ ٻين چيو ته ڪروڙين جي بجيٽ هوند اسڪارپ ڪاڊ ۾ ڪو به ڪم نه پيو ڪيو وڃي، انجنيئر زرغام راڄپر جعلي واؤچر ناهي پئسا هڙپ ڪري رهيو آهي. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته گذريل ڏينهن ٿيل انٽرويو دوران اميدوارن لاءِ پيئڻ جي پاڻي جو به بندوبست نه ڪيو ويو ۽ هو سخت گرمي ۾ اس ۾ ويهي انٽرويو ڏيندا رهيا. ملازمن چيو ته انجنيئر زرغام راڄپر حڪومت پاران جوڙيل ڪميٽي ڪانسواءِ ڪجهه شريسندن سان گڏ غير قانوني انٽرويو ورتا اهڙ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيا ويندا. انجنيئر ۽ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ سياسي پنڊتن ۽ ونگار وهند ميرٽ بدران سياسي پرتيون ڪرڻ چاهين ٿا. ملازمن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ڪرپٽ انجنيئر زرغام راڄپر کي بدلي ڪري ميرٽ تي نوڪريون ڏنيون وڃن ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ ملازمن پاران ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو،ٻئي طرف ڪمشنر شهيد بينظير آباد احتجاج واري هنڌ پهچي ملازمن سان ملاقات ڪئي ۽ سمورا خدشا دور ڪرڻ جو يقين ڏياريو

بقايا سنڌيار 04

محمد قاسم جوڻيجو. امداد علي چنه ـ علي رضا جوڻيجو. محمد احسن جوڻيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي0 ريلي ۾ وطن جي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪرڻ سان گڏ شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪيي وئي،ريلي جي آخر ۾ ديس جي دشمنن سان وڙهندي وطن عزيز تان پنهنجي جان قربان ڪندڙ شهيد محمد اسماعيل سومرو جي قبر تي فاتح خواني ڪندي شهيد کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪيي وئي*

بقايا سنڌيار 05

